Website: dailysukaarkarachi.com

ABC CERTIFIED

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار (شاهه)

رجسٽرڊ نمبر SS-1245

DAILY SUKAAR KARACHI

روزاني سُڪار ڪراچي

چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو

جلد (20) خميس 08 مئي 2025ع بمطابق 10 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 60) قيمت 10 رپيا

قومي سلامتي ڪميٽي پاڪ فوج کي ڀارتي اڳرائي جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو

پاڪستان تي ڀارتي حملن ڪانپوءِ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ قومي سلامتي ڪميٽي جو هنگامي اجلاس طلب، ملڪي قيادت جي شرڪت

پاڪستان گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل 51 تحت پنهنجي دفاع ۾، نقصان ۽ پنهنجي خودمختياري جي ڀڃڪڙيءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ پنهنجي مرضي جي وقت، هنڌ ۽ انداز ۾ جواب ڏيڻ جو حق محفوظ رکي ٿو

ڀارتي اڳرائيءَ تي ڏاڍي ڏک ۽ ڪاوڙ جو شڪار پاڪستاني قوم پنهنجي هٿياربند فوج جي بهادري، جرئت ۽ وطن جي دفاع ۾ سندن وقتائتي ڪارروائي کي ساراهي ٿي

پاڪستان عالمي برادري کان مطالبو ڪري ٿو ته هو ڀارت جي غير قانوني قدمن جي سنگيني کي تسليم ڪري ۽ ان کي بين الاقوامي اصولن ۽ قانونن جي سنگين ڀڃڪڙين تي ڀڇاڙو ڪري

پاڪستان امن لاءِ پرعزم آهي ۽ ان ڳالهه جو عزم ورجائي ٿو ته هو ڪڏهن به پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتيءَ جي ڀڃڪڙي جي اجازت نه ڏيندو ۽ نه ئي پنهنجي عوام کي ڪنهن نقصان جو شڪار ٿيڻ ڏيندو

قوم ڪنهن به قسم جو جي جارحيت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي: اجلاس ۾ شريڪ ملڪي قيادت ڀارت پاران جنگ شروع ڪرڻ تي واضح طور ٻڌي جو ثبوت ڏيندي ڀرپور جواب ڏيڻ تي اتفاق ڪري ورتو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ/ م د) پاڪستان تي ڀارتي حملن ڪانپوءِ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ قومي سلامتي ڪميٽي جو هنگامي اجلاس طلب ڪيو ويو. اجلاس ڪانپوءِ جاري ڪيل پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان پنهنجي مرضي جي وقت، جاءِ ۽ انداز ۾ جواب ڏيڻ جو حق محفوظ رکي ٿو پڌرائي موجب، پاڪستان گڏيل قومن جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 01

ڀارت جنگ شروع ڪندي ٽي مات کائي ويٺي، پاڪستان ۾ ڪوٽلي، مظفرآباد ۽ بهاولپور سميت 6 هنڌن تي حملا، 31 شهري ۽ هڪ مسجد شهيد، 6 جهاز ۽ برگيڊ تباهه

ڀارتي فوج طرفان 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات ڀارت آزاد ڪشمير سميت پاڪستان جي 6 هنڌن تي حملو ڪيو، جن ۾ شهري آبادي ۽ مذهبي جاين خاص طور تي مسجدن کي نشانو بڻايو ويو، پاڪ فوج پاران ڀارتي حملو "رات جي اونداهيءَ ۾ بزدلاڻو وار"

ميزائيل حملن جي نتيجي ۾ 31 بيگناهه شهري شهيد ۽ 57 ڄڻا زخمي ٿي پيا، شهيدن ۾ 2 ٽينيجرز، 7 عورتون ۽ 4 مرد شامل، ڪيترائي زخمي مختلف اسپتالن ۾ علاج هيٺ داخل، پاڪ فضائيه ڀارت جا 5 جهاز ڪيرائڻ ۾ ڪامياب

ڀارت جي اهڙي جارحيت پاڪستان جي صبر جو امتحان وٺڻ جي ڪوشش آهي، پر پاڪ فوج پنهنجي عوام ۽ سرحدن جي حفاظت لاءِ هر لمحي تيار آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر جنرل احمد شريف

جن هنڌن تي حملا ڪيا ويا، اهي ساڳيا علائقا آهن جتي هڪ ڏينهن اڳ ئي پاڪستاني ۽ عالمي ميڊيا دورو ڪيو هو ۽ اتي عام شهري آبادي هئي، جنهن جو ثبوت دنيا جي سامهون موجود آهن، پاڪستان طرفان ڀارتي جارحيت جو اثرائتو جواب ڏنو ويو

پاڪستان جي فضائي حدن ۾ موجود 5 ڀارتي جنگي جهازن ۽ هڪ ڊرون تباهه ڪيو ويو آهي، ڀارتي حملي دوران آزاد ڪشمير نيلم-جهلم هائيڊرو پاور پروجيڪٽ کي به نشانو بڻايو، نوسيري ڊيم جي ڍانچي کي به نقصان رسيو

ڀارت جي ڪارروائي جو مقصد پاڪستان جي آبي ذخيرن کي نقصان پهچائڻ آهي، جيڪو آبي دهشتگردي جي بدترين مثال آهي. "نه جنگي ۽ بين الاقوامي قانونن ۾ اجازت آهي ته ڪنهن ملڪ جي آبي ذخيرن، ڊيمن يا هائيڊرو اسٽرڪچرز کي نشانو بڻائجي

ڀارت جي اهڙي روش جا سنگين نتيجا نڪرندا. هن سوال اٿاريندي چيو ته ڇا ڀارت کي خبر آهي ته ان قسم جي ڪارروائي جا نتيجا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ ڇا هو سمجهي ٿو ته ڊيمن کي نشانو بڻائڻ جو مطلب ڇا آهي؟: ترجمان پاڪ فوج

راولپنڊي (م د) ڀارتي فوج طرفان 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات پاڪستان جي مختلف علائقن تي ڪيل ميزائيل حملن جي نتيجي ۾ 26 بيگناهه شهري شهيد ۽ 46 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر جي سربراهه ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف مطابق، ڀارت آزاد ڪشمير سميت پاڪستان جي 6 هنڌن تي حملو ڪيو جن ۾ شهري آبادي ۽ مذهبي جاين خاص طور تي مسجدن کي نشانو بڻايو ويو جي آءِ ايس پي آر موجب، شهيدن ۾ 2 ٽينيجرز، 7 عورتون ۽ 4 مرد شامل آهن جڏهن ته ڪيترائي زخمي مختلف اسپتالن ۾ علاج هيٺ آهن. جنرل احمد شريف / ڏسو صفحو 2 بقايا 02



مظفرآباد: ڀارتي حملي جو هڪ ڏيک، جتي ميزائل ڪري رهيو آهي، ٻئي پاسي پاڪ فضائيه جي جوابي ڪارروائي ۾ تباهه ٿيل جنگي جهاز جا ٽڪرا پٽ تي پيل آهن

اپوزيشن پاران ڀارتي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ حڪومتي شخصيتن سان اتفاق

پاڪستان جي بهادر فوج دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ۽ سموري قوم جو ڳاٽ فخر سان بلند آهي: شرجيل

مسجدن ۽ سويلين آبادي کي ڀارت نشانو بڻايو ڀارت کي سبق سيکارڻ ضروري آهي: حافظ نعيم الرحمان

ڀارت جو ميزائل حملو کليل جارحيت آهي، مودي شروعات ڪري ڇڏي آهي، اختتام هاڻ پاڪستان ڪندو: شيري رحمان

ڀارت ميزائل فائر ڪري پنهنجي ناپاڪ نيت کي بي نقاب ڪري ڇڏيو پاڪستان هاڻ خاموش نه ويهندو

ڀارت جا بزدلاڻا حملا جنهن معصوم شهرين، مسجدن ۽ نيلم جهلم جهڙي اهم آبي منصوبن کي نشانو بڻايو

دشمن سمجهي ٿو ته هو پاڪستان کي ڊيڄاريندو پر پاڪستاني قوم نه جهڪي نه جهڪندي: شيخ رشيد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ رد عمل ڏيندي چيو ته پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي، اسان ڪڏهن به جنگ جي خواهش ناهي ڪئي پر اهڙا جنگ اسان تي مڙهي وئي / ڏسو صفحو 2 بقايا 03

رافيل جي تڪبر ۾ ورڪوڙيل ڀارت کي اثرائتو جواب ڏنو ڏهه جهاز به ڪيرائي سگهون پيا: وزيراعظم

جيڪي چوندا هئا ته پاڪستاني روايتي جنگ ۾ پوئتي آهي، اهي گذريل رات پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي ڪانپوءِ سمجهي ويا هوندا، اڃان اسان احتياط ڪيو

دشمن رات جي اونداهيءَ ۾ پاڪستان تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڪ فوج ڀارت جي بزدلاڻي حملي جو وقتائتو ۽ اثرائتو جواب ڏنو

ڪالعدم بي ايل اي ۽ ٽي ٽي پي جا پيرا ڀارت ڏانهن وڃن ٿا، ڀارت ان دوست ملڪ جي سفير کي سڏائي ڊيمارش ڪيو جنهن اسان جي آڇ جي حمايت ڪئي

24 ڪروڙ عوام کي مبارڪون ڏيان ٿو ته اسان جي فوج چوويهه ڪلاڪ تيار هئي، ڀارت جعفر ايڪسپريس حملي جي مذمت نه ڪئي ۽ ڀارت ۾ ان واقعي تي ٽئوليون ڪيون ويون

مان مخالف ڌر جي چيمبر ۾ اچڻ لاءِ تيار آهيان، پي ٽي آءِ سميت سڀني کي چوان ٿو ته پاڪستان کي عظيم بڻايو ۽ دنيا کي ڏيکاريو آهي ته اسان هڪ آهيون: قومي اسيمبلي ۾ خطاب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته رافيل جهازن جي تڪبر ۾ ورڪوڙيل ڀارت کي اثرائتو جواب ڏنو ويو جيڪي چوندا هئا ته پاڪستاني روايتي جنگ ۾ پوئتي آهي، اهي گذريل رات پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي ڪانپوءِ سمجهي ويا هوندا، احتياط ڪيو ته ڏهه جهاز به ڪيرائي سگهون پيا. قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته / ڏسو صفحو 2 بقايا 04

دشمن پنهنجي زمين تان حملي ڪري بزدلي جو مظاهرو ڪيو: آءِ ايس پي آر

بزدل دشمن ڀارت پاڪستان ۾ ٽن هنڌن تي ميزائل هنيا، پر پاڪستان جي فضائي فوج مڪمل طور تي الرٽ هئي

۽ ڀارتي جهازن کي پاڪستاني فضائي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني وئي

هاڻ ان جو جواب پاڪستان پنهنجي مرضي سان، پنهنجي چونڊيل وقت ۽ هنڌ تي ڏينداسين

ڀارت جي عارضي خوشي جلد ئي مستقل ڏک ۾ تبديل ٿي ويندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ بيحد انتهائي خطرناڪ مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي، جتي ڀارت پاڪستان جي ٽن مختلف هنڌن تي ميزائل فائر ڪيا. پاڪ فوج جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 05

آمريڪا ۽ چين پاڪستان تي ڀارتي حملي کي ڳڻتي جوڳو قرار ڏئي ڇڏيو

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ڀارت طرفان پاڪستان تي حملي تي رد عمل ڏيندي انهي کي شرمناڪ قرار

ڀارت طرفان اڄ صبح جي فوجي ڪارروائي تي اسان کي سخت ڳڻتي آهي: چين جي پرڏيهي وزارت جو ترجمان

چين سمجهي ٿو ته ڀارت ۽ پاڪستان ٻئي هن خطي جا اهم پاڙيسري ملڪ آهن

بيجنگ/واشنگٽن (م د) آمريڪا ۽ چين ڀارت طرفان پاڪستان تي ڪيل حملي تي سخت رد ظاهر ڪندي انهي کي افسوسناڪ / ڏسو صفحو 2 بقايا 07



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو

چئني وزيراعليٰ ۽ پ پ پ چيئرمين پاران دشمن کي سخت جواب ڏيڻ جو اعلان

پاڪستاني زمين ۽ شهرين کي هدف جو نشانو بڻائڻ جي لاءِ ڀارت بزدلاڻو حملو ڪيو، ڀارتي جارحيت کي نظرانداز نه ڪيو ويندو: بلاول

ڀارت جي بزدلاڻي ۽ ڇڙواڳ ڊيارينڊ حملن ۾ مريد ڪي، بهاولپور، ڪوٽلي ۽ مظفرآباد جي شهري علائقن کي نشانو بڻايو ويو جيڪا جنگي جارحيت آهي

پاڪ فوج ڀارتي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي قوم جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو پاڪستاني قوم متحد آهي، منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه

پنجاب جي زمين غازين ۽ شهيدن جي زمين آهي انهي زمين تي اڄ رات وهندڙ معصومن جو رت اسان تي قرض آهي، قوم پاڪ فوج سان گڏ آهي: مريم نواز

هڪ نازڪ گهڙي ۾ قومي سلامتي ۽ خودمختياري جي دفاع لاءِ پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهيون، جيڪي هن جارحيت سبب متاثر ٿيا، انهن سان همدردي آهي: گنڊاپور

بلوچستان جي عوام پاڪ فوج سان گڏ آهي، عالمي برادري ڀارت جي جارحيت جو نوٽيس وٺي ڀارت جو جنگي جنون ڏکڻ ايشيا کي تباهي طرف ڌڪي رهيو آهي: سرفراز بگٽي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ڀارتي حملي خلاف حڪومتي ۽ اپوزيشن شخصيتن کي سخت جواب ڏيڻ جو به اعلان ڪيو هڪ پليٽ فارم تي ٿي ويون آهن دشمن زرداري ڀارت طرفان بزدلاڻي حملي جي ويو آهي. پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو مذمت ڪندي چيو ته پاڪستاني زمين ۽ شهرين / ڏسو صفحو 2 بقايا 06

هندستان جي حملي کان پوءِ، هوائي حدون بند

هوائي حدون 48 ڪلاڪن لاءِ بند ڪيون ويون هيون

هوائي حدون بند ڪرڻ لاءِ جنهن لاءِ هڪ نوٽم جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) هندستان جي حملي کان / ڏسو صفحو 2 بقايا 08

هندستاني دفاع واري وزارت پاران حملن جي تصديق

پاڪستان ۾ 9 هنڌن تي حملو ڪيو ويو: هندستاني دفاع واري وزارت دعويٰ

نيو دهلي (م د) هندستاني دفاع واري وزارت پاڪستان ۾ حملن جي تصديق ڪري ٿي هندستاني دفاع واري وزارت دعويٰ ڪئي آهي ته پاڪستان ۾ 9 هنڌن تي حملو ڪيو ويو آهي.

ڀارتي جارحيت جو مناسب ۽ ڀرپور جواب ڏينداسين، پاڪ فوج تيار آهي: صدر

شهري علائقن کي نشانو بڻائڻ ۽ ڀارتي حملو بين الاقوامي قانون، جي واضح ڀڃڪڙي آهي

پوري پاڪستاني قوم پنهنجي بهادر هٿياربند فوجن جي پويان متحد آهي: آصف زرداري

هندستان جا بزدلاڻا ڪارروايون فاشسٽ حڪومت جو اصل چهرو بي نقاب ڪن ٿا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) صدر آصف علي زرداري سرحد پار شهري آبادي کي نشانو بڻائي پاڪستان خلاف هندستان جي جارحيت جي سخت مذمت ڪئي آهي پنهنجي بيان ۾ صدر آصف علي زرداري / ڏسو صفحو 2 بقايا 13

مظفرآباد جي سڀني اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو

ڀارتي حملي ڪانپوءِ شوائي نالا علائقي مان ٻه زخمي ڇوڪريون سي ايم ايڇ منتقل

مظفرآباد (م د) ڀارتي ميزائل حملي کان پوءِ مظفرآباد جي سڀني اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي. مظفرآباد جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 09

بهاولپور ۾ چار زوردار ڌماڪن سان سڄو شهر ڏڪي اٿيو

مظفرآباد ۾ شهيد گلي ۽ شوائي نالي وارن علائقن ۾ ڌماڪن جا شديد آواز ٻڌا ويا: اکين ڏٺا شاهد

مظفرآباد (م د) عيني شاهدن ٻڌايو ته / ڏسو صفحو 2 بقايا 11

رات جي اونداهي ۾ ڀارتي بزدلاڻي ڪارروائي جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو: سيد خورشيد احمد شاهه

پاڪستاني سرزمين تي ڀارت جو ميزائل حملو ڀارت جي کليل جارحيت آهي: پيپلز پارٽي جو سينئر اڳواڻ

ڀارت هي ڪارروائي پاڪستان جي امن جي ڪوشش کي سبوتاڙ ڪندي ڪئي، هاڻ ڪيس ان جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي

مودي سرڪار جي پاڪستان سان دشمني لڪيل ڳالهه ناهي، پر پاڪستان سندس دشمني ۽ غرور جو مناسب جواب ڏيندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه ڀارتي حملي جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستاني سرزمين تي ڀارت جو ميزائل حملو ڀارت جي کليل جارحيت آهي. / ڏسو صفحو 2 بقايا 10

ڀارت جي غير ذميوارانه قدم ٻن ايٽمي طاقتن کي جنگ جي ڪناري تي آندو: پرڏيهي آفيس

ڀارتي هوائي فوج ڀارتي سرحدن کان اسٽينڊ آف هٿيارن سان پاڪستان جي خودمختياري کي نشانو بڻايو

مريدڪي، بهاولپور، ڪوٽلي ۽ مظفرآباد ۾ شهري آبادي کي نشانو بڻايو ويو عورتن ۽ ٻارن سميت معصوم شهري شهيد ٿيا

پهلگام حملي کان پوءِ، ڀارت هڪ ڀيرو ٻيهر غلط بياني سان خطي جي امن کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو

بزدل دشمن جي حملي جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو: سيد اويس قادر شاهه

ڀارت شهري آبادي تي حملو ڪري بين الاقوامي قانون جي کليل ڀڃڪڙي ڪئي آهي

سڄي قوم پاڪستاني هٿياربند فوج سان گڏ ڀڙواڙ بيٺي آهي: سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاران لنڊن ۾ پاڪستان تي ڀارت جي حملي جي سخت / ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ڀارت، 5 جهازن ۽ ڊرونز جي تباهي بعد چوڪين تي اڇا جهنڊا لهرائي ڇڏيا

پاڪستان جي هٿياربند فوجون دشمن جي جارحيت جو مناسب جواب ڏئي رهيون آهن: خواجه آصف

پاڪستان انڊيا جا 5 جنگي جهازن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، پاڪستاني ايئر فورس جا سڀئي جهاز محفوظ آهن

انڊيا طرفان شڪست تسليم ڪئي وئي ايل او سي تي اڇي رنگ جو جهنڊو لڳائي ڇڏيو: ٻچاءَ وارو وزير

راولپنڊي (م د) پاڪستان هندستان جي بزدلاڻي حملي جو مناسب جواب ڏئي رهيو آهي ۽ شروعاتي رپورٽن موجب پاڪستان ايئر / ڏسو صفحو 2 بقايا 20

مودي کي پهلگام حملي جي اڳواٽ ڄاڻ هئي: ڪانگريس اڳواڻ

اهوئي سبب آهي جو مودي 19 اپريل تي واري اپريل جمون ۽ ڪشمير جو دورو رد ڪيو هو: ملڪارجن

سوال اهو آهي ته مودي دورو رد ڪيو ته پوءِ هن عام شهرين جي حفاظت لاءِ ڪو به قدم ڇو نه کنيو؟

رانچي (م د) ڀارتي مخالف ڌر ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي ۽ پهلگام واقعي جي ڪانگريس جي صدر ملڪ ارجن کهڙگي / ڏسو صفحو 2 بقايا 17

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) هندستاني ميزائل حملي تي رد عمل ظاهر ڪندي پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته اسان ڀارت / ڏسو صفحو 2 بقايا 14

پاڪ ڀارت وڌندڙ ڇڪتاڻ کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي گهوٽڪي ضلعي ڪنٽرول روم قائم، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪ ڀارت وڌندڙ / ڏسو صفحو 2 بقايا 15

پاڪ ڀارت صورتحال، خام تيل ۽ گئس جي قيمتن ۾ اضافو

هندستان-پاڪستان تڪرار خام تيل جي قيمت کي وڌائڻ ۾ مدد ڪري ڇڏي

خام تيل جي قيمت ۾ هڪ سيڪڙو واڌ ۽ گئس جي قيمتن ۾ 2 سيڪڙو واڌ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) هندستان-پاڪستان / ڏسو صفحو 2 بقايا 18

سول اسپتال خيرپور جي اڳوٽي ايم ايس سميت ٽن ڄڻن جي ضمانت منظور پيرول ۾ آجيائو

خيرپور (رپورٽر) سول اسپتال خيرپور جي اڳوٽي / ڏسو صفحو 2 بقايا 16

ڪا به طاقت پاڪستان جي روح کي ٽوڙي نٿي سگهي: ڊاڪٽر عبدالقيوم سومرو

ان آزمائش جي وقت ۾ اسان جون دليون پاڪ فوج جي بهادر سپاهين سان هڪ ٿي ڌڙڪن ٿيون

ڀارت جي تازي بزدلاڻي حملن اسان جي اتحاد ۽ عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سينيٽر ڊاڪٽر عبدالقيوم سومرو جو چوڻ آهي ته ان آزمائش جي وقت ۾ اسان جون دليون پاڪ / ڏسو صفحو 2 بقايا 24

جاپان پاران پاڪستاني شهرين تي هندستان جي هوائي حملي تي ڳڻتي جو اظهار

جاپان گذريل رات دير سان پاڪستاني شهرين تي هندستان جي هوائي حملي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ذريعن موجب / ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڀارت جو بزدلاڻي حملي ڪانپوءِ اسلام آباد جي اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو

پمز پولي ڪلينڪ سميت سموري اسپتال جي عملي جون موڪلون ملتوي ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ڀارت جي بزدلاڻي حملي کان پوءِ اسلام آباد جي اسپتالن ۾ به ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي / ڏسو صفحو 2 بقايا 21

گڏيل قومن جنگ جو ذميوار ڀارت کي قرار ڏئي ڇڏيو

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس به جنگ جو ذميوار هندستان کي قرار ڏئي ڇڏيو

نيويارڪ (م د) آمريڪي صدر کان پوءِ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس به جنگ جو ذميوار هندستان کي قرار ڏنو / ڏسو صفحو 2 بقايا 23

جنگي جهاز جي ايف 17 ٺاهيندڙ جي 10 سي ڪمپنين جي شيئرز ۾ اضافو

چينگ ڊو ائير ڪرافٽ ڪارپوريشن جي شيئرز جي قيمت ۾ رڪارڊ اضافو ٿي ويو

پاڪ فوج جي استعمال هيٺ جنگي جهازن جي چيني ڪمپني جا 168 جي ايف 17 ٿنڊر جهاز موجود

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستاني فوج جي استعمال هيٺ جنگي جهاز جي ايف 17 ۽ جي 10 سي ٺاهيندڙ چيني / ڏسو صفحو 2 بقايا 25

ڀارت جا بزدلاڻا حملا: سنڌ جي سمورين اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو، عملي جون موڪلون ملتوي

صحت کاتي پاران سنڌ جي سمورين اسپتالن ۾ عملي کي 24 ڪلاڪ حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت

ايمبولينس، آڪسيجن، 10 فلوئيڊز ۽ دوائن جي دستيابي يقيني بڻائي ويندي غفلت تي ڪارروائي ٿيندي: صحت کاتو

علاوه ريسڪيو 1122، ضلعي انتظاميه ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ويجها رابطا ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڀارتي فضائي حملن کي نظر ۾ رکندي سموري سنڌ جي اسپتالن ۾ هيلٿ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي. صحت کاتي موجب صوبي جي سمورين اسپتالن ۾ ايمرجنسي جو اعلان ڪندي / ڏسو صفحو 2 بقايا 27

اميرن جي سياست پٺي هلي، سوشلزم ۽ اسلام ۾ گهٽ فرق ناهي: جونيئر ذوالفقار

نه شيعو نه سني پر مولائي آهيان ۽ مولا علي واري حق جي واٽ تي هلڻ وارو آهيان

ضياءَ جو دورو آيو ته هن جاڳي واڱي سوشلزم ۽ اسلام کي الڳ الڳ ڪري پيش ڪيو

بدقسمتي سان اهو تصور ڪابي ڌر پاران اپنايو به ويو ته اسلامي سياست الڳ آهي

ڪراچي/لاهور (عوامي آواز نيوز) شهيد مرتضيٰ ڀٽو جي فرزند ذوالفقار جونيئر چيو آهي ته نه شيعو نه سني پر مولائي آهيان / ڏسو صفحو 2 بقايا 19

فرانسيسي رافيل جهاز ٺاهيندڙ ڪمپني جا شيئر ڪري پيا

ڊسالٽ ايوي ايشن جي شيئرز جي قدر ۾ 1.64 سيڪڙو گهٽتائي

ڀارتي فوج جي استعمال هيٺ ان ئي ڪمپني جا جهاز هئا جيڪي پاڪ فوج ڪيرايا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ / م د) ڀارتي فوج جي استعمال هيٺ فرانسيسي رافيل جهاز ٺاهيندڙ ڪمپني ڊسالٽ ايوي ايشن جا شيئر / ڏسو صفحو 2 بقايا 26

ڀارتي فوجين کي قيدي بڻجي ويا، ايٽمي جنگ لڳي سگهي ٿي: دفاع وزارت

اسان فوجي ۽ سفارتي سطح تي ڀارت کي ڀرپور ۽ فوري جواب ڏينداسين

جوهري جنگ جي صورت ۾ سڄي ذميواري ڀارت مٿان لاڳو ٿيندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) دفاع واري وزيرخواجه آصف تصديق ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ڪيترن ئي ڀارتي فوجين کي قيدي بڻائي ڇڏيو آهي. پاڪستان تي ڀارت جي بزدلاڻي حملي تي رد عمل ڏيندي / ڏسو صفحو 2 بقايا 28

ڀارتي ناظم الامور پرڏيهي آفيس طلب، پاڪستان پاران سخت احتجاج

ڀارت جو غير ذميوارانه رويو علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ سنگين خطرو آهي: پرڏيهي کاتي خبردار ڪري ڇڏيو

ڀارت جو جارحاڻو قدم پاڪستان جي خودمختياري ۽ گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي قانون ڀڃڪڙي آهن

پاڪستان ڀارت جي دشمني تي ٻڌل الزام بازي کي سختي سان رد ڪري ٿو: پرڏيهي کاتي جو ترجمان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستاني فوج ڀارت جي بزدلاڻي حملي جو ڀرپور جواب ڏئي رهي آهي، ڀارت جي حملي تي اسلام آباد ۾ مقرر ڀارتي ناظم الامور کي پرڏيهي آفيس طلب ڪري سخت احتجاج / ڏسو صفحو 2 بقايا 29

اي پي اين ايس پاران ڀارتي جارحيت جي سخت مذمت، پاڪ فوج جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان

ڀارت طرفان پاڪستان جي سرزمين تي حملو خطي جي امن ۽ خوشحالي جي لاءِ تباهي آڻيندڙ آهي: سرمد علي

عوام کي باخبر رکڻ لاءِ پرنٽ ميڊيا مستند خبرن ۽ معروضي تجزين حوالي سان هاڪاري ۽ فعال ڪردار ڪندو

ڀارتي ميڊيا بي جي پي حڪومت جي اشارن تي هلي پئي ۽ ڪوڙيون خبرون پکيڙي پئي: اي پي اين ايس صدر

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي پاڪستان جي سرزمين تي ڀارتي ميزائل حملي جي شديد مذمت ڪري ٿي ۽ وطن جي آزادي ۽ خودمختياري کي لاحق خطرن کي منهن / ڏسو صفحو 2 بقايا 30

روزاني

سُڪار

ڪراچي

E-mail: sukaarkhi@yahoo.com

ڪراچي آفيس: 021_32721870.021_32700092.021_32700091

فيڪس نمبر: 02132700176

حيدرآباد آفيس: فون نمبر: 022_2102381_022_2671764

فيڪس نمبر: 022_2102293_022_2671771

ائڊريس : پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امبر ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103، 114 ۽ 115ٽين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.

خميس 08 مئي 2025ع بمطابق 10 ذوالقعد 1446 هجري

پاڪستان جوابي ڪارروائي جو حق رکي ٿو

ڀارتي فوج طرفان 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات پاڪستان جي مختلف علائقن تي ٿيل ميزائيل حملن جي نتيجي ۾ 26 بيگناهه شهري شهيد ۽ 46 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر جي سربراهه ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف مطابق، ڀارت آزاد ڪشمير سميت پاڪستان جي 6 هنڌن تي حملو ڪيو جن ۾ شهري آبادي ۽ مذهبي جاين خاص طور تي مسجدن کي نشانو بڻايو ويو. ڊي جي آءِ ايس پي آر موجب، شهيدن ۾ 2 ننڍڙيون، 7 عورتون ۽ 4 مرد شامل آهن. جڏهن ته ڪيترائي زخمي مختلف اسپتالن ۾ علاج هيٺ آهن. جنرل احمد شريف ڀارتي ڪارروائي کي "رات جي اونداهيءَ ۾ بزدلاڻو وار" قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان ان جو ڀرپور جواب ڏنو ۽ ڏيندو رهندو. سندس چوڻ هو ته ڀارت جي اهڙي جارحيت پاڪستان جي صبر جو امتحان وٺڻ جي ڪوشش آهي، پر پاڪ فوج پنهنجي عوام ۽ سرحدن جي حفاظت لاءِ هر لمحي تيار آهي. پاڪستاني فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته ڀارت رات جي اونداهيءَ ۾ پاڪستان تي حملو ڪيو شهري آبادي ۽ مسجدن کي نشانو بڻايو ويو. پريس بريفنگ دوران ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته ڀارت طرفان مسجدن تي ٿيل حملا مودي حڪومت جي ان تنگ نظر سوچ جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن ۾ اقليتن، خاص ڪري مسلمانن کي نشانو بڻايو پيو وڃي. جنرل احمد شريف واضح ڪيو ته جن هنڌن تي حملا ڪيا ويا، اهي ساڳيا علائقا آهن جتي هڪ ڏينهن اڳ ئي پاڪستاني ۽ عالمي ميڊيا دورو ڪيو هو ۽ اتي عام شهري آبادي موجود هئي، جنهن جو ثبوت دنيا جي سامهون موجود آهن. ترجمان موجب، پاڪستان طرفان ڀارتي جارحيت جو اثرائتو جواب ڏنو ويو ۽ پاڪستان جي فضائي حدن ۾ موجود 5 ڀارتي جنگي جهازن ۽ هڪ ڊرون تباهه ڪيو ويو آهي. سندس چوڻ هو ته ڀارتي حملي دوران آزاد ڪشمير نيلم ـ جهلم هائيڊرو پاور پروجيڪٽ کي به نشانو بڻايو جنهن دوران نوسيري ڊيم جي ڍانچي کي به نقصان رسيو آهي. جنرل احمد شريف چيو ته ڀارت جي ڪارروائي جو مقصد پاڪستان جي آبي ذخيرن کي نقصان پهچائڻ آهي، جيڪو آبي دهشتگردي جي بدترين مثال آهي. هن چيو ته "ڇا جنگي ۽ بين الاقوامي قانونن ۾ اجازت آهي ته ڪنهن ملڪ جي آبي ذخيرن، ڊيمن يا هائيڊرو اسٽرڪچرز کي نشانو بڻايو وڃي؟" ترجمان پاڪ فوج ان کي ناقابل قبول ۽ خطري سان ڀريل حملو قرار ڏيندي خبردار ڪيو ته ڀارت جي اهڙي روش جا سنگين نتيجا نڪرندا. هن سوال اٿاريندي چيو ته ڇا ڀارت کي خبر آهي ته ان قسم جي ڪارروائي جا نتيجا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ ڇا هو سمجهي ٿو ته ڊيمن کي نشانو بڻائڻ جو مطلب ڇا آهي؟

وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته رافيل جهازن جي تڪبر ۾ وڪوڙيل ڀارت کي اثرائتو جواب ڏنو ويو جيڪي چوندا هئا ته پاڪستاني روايتي جنگ ۾ پوئتي آهي، اهي گذريل رات پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي کانپوءِ سمجهي ويا هوندا، احتياط ڪيو نه ته ڏهه جهاز به ڪيرائي سگهون پيا. قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته دشمن رات جي اونداهيءَ ۾ پاڪستان تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڪ فوج ڀارت جي بزدلاڻي حملي جو وقتائتو ۽ اثرائتو جواب ڏنو. هن چيو ته ڪالعدم بي ايل اي ۽ ٽي ٽي پي جا پيرا ڀارت ڏانهن وڃن ٿا. هن چيو ته ڀارت ان دوست ملڪ جي سفير کي سڏائي ڊيمارش ڪيو جنهن اسان جي آڇ جي حمايت ڪئي. وزيراعظم چيو ته 24 ڪروڙ عوام کي مبارڪون ڏيان ٿو ته اسان جي فوج چوويهه ڪلاڪ تيار هئي، ڀارت جعفر ايڪسپريس حملي جي مذمت نه ڪئي ۽ ڀارت ۾ ان واقعي تي ٽلوليون ڪيون ويون. هن وڌيڪ چيو ته مان مخالف ڌر جي چيمبر ۾ اچڻ لاءِ تيار آهيان، پي ٽي آءِ سميت سيني کي چوان ٿو ته پاڪستان کي عظيم بڻايو ۽ دنيا کي ڏيکارڻو آهي ته اسان هڪ آهيون. ڀارتي حملي خلاف حڪومتي ۽ اپوزيشن شخصيتون هڪ پليٽ فارم تي ٿي ويون آهن دشمن کي سخت جواب ڏيڻ جو به اعلان ڪيو ويو آهي. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڀارت طرفان بزدلاڻي حملي جي مذمت ڪندي چيو ته پاڪستاني زمين ۽ شهرين کي حدف جو نشانو بڻائڻ جي لاءِ ڀارت بزدلاڻو حملو ڪيو ڀارتي جارحيت کي نظر انداز نه ڪيو ويندو. هن چيو ته پاڪستان جي بهادر فوج خاص طور تي اسان جي جانباز فضائيه پوري عزم حوصلي سان جواب ڏئي رهي آهي ڪنهن به اڳرائي جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو. ڀارت جي بزدلاڻي ۽ ڇڙ ڏياريندڙ حملن ۾ مريد ڪي، بهاولپور، ڪوٽلي ۽ مظفرآباد جي شهري علائقن کي نشانو بنايو ويو جيڪا جنگي جارحيت آهي.

ڪيستائين ٻڌندؤ، ڪيستائين ٻڌايان!

حيدر جاويد سيد

صبح کان وٺي اهوئي سوچي رهيو هوس ته اڄ صرف پڙهڻ تي ڌيان ڏنو وڃي، قلم جي مزدوري ۽ سوشل ميڊيا گيريءَ کان پري رهجي. پر پوءِ ياد آيو ته اڄ ته ڪالم جو ڏينهن آهي ۽ ڪالم ته هر حال ۾ لکي موڪلڻو آهي. ۽ ايڊيٽوريل لکڻ جي قلم مزدوريءَ ۾ نه ته ڪو اتفاقي موڪل جو تصور آهي ۽ نه ئي هنگامي موڪل جو. ٻن ٽن وڏين اخبارن ڪانسواءِ ايڊيٽوريل بورڊ جو "روگ" ڪو به نٿو پالي. علائقائي اخبارن ۾ تقريبن هڪ ئي شخص سال جا 365 ڏينهن (موڪلن ڪانسواءِ) اداريي نويس (ايڊيٽوريل رائٽر) طور پنهنجا فرض نڀائيندو آهي. اهو ماڻهو "نيوز آف دي ڊي"، اوچتو واقعو سانحو، جنگ، بجيٽ، مهانگائي يا ٻيا مسئلا ۽ معاملا ـ توڙي سيني بابت ايڊيٽوريل ڀاڻ لکندو...

پاڪ ـ ڀارت ڇڪتاڻ: بارود جي ڍير تي ويٺل ماڻهو

ڊاڪٽر علي رضا قاضي

آرٽيڪل ڪشمير کي خصوصي ۽ نيم خود مختيار رياست جي حيثيت ڏئي رهيو هو بعد ۾ هندستان جي وزير اعظم جواهر لال نهروءَ ۽ جمون ڪشمير جي وزير اعليٰ شيخ عبدالله جي وچ ۾ مسلسل پنج مهينا مشاورت جاري رهي، جنهن ۾ طئي ڪيو ويو ته هندستان جي آئين جون اهي شقون، جيڪي ملڪ جي ٻين رياستن تي لاڳو ٿيون ٿيون، انهن جو نفاذ ڪشمير تي نه ٿيندو؛ نه صرف اهو پر ڪشمير جي رياست کي الڳ آئين ٺاهڻ ۽ جدا جهنڊو رکڻ جو اختيار به حاصل هوندو. اهو پڻ ته هندستان جو صدر جيڪڏهن چاهي به ته ڪشمير جي آئين کي معطل نه ٿو ڪري سگهي. ڀارتي آئين ۾ شامل 370 اهو آرٽيڪل هو، جنهن هيٺ بچاءُ، مواصلات ۽ پرڏيهي مامرن جي ڪاتن کان سواءِ مرڪزي سرڪار ڪنهن به کاتي ۾ رياستي حڪومت جي صلاح کان سواءِ مداخلت نه ڪري سگهندي هئي...

گنج مان ترتيب وار "سُسُئي" جا ونڊر وڪائي

صدر سامي

01 بقايا

چارٽر جي آرٽيڪل 51 تحت پنهنجي دفاع ۾، معصوم شهرين جي جاني نقصان ۽ پنهنجي خودمختاري جي ڀڃڪڙيءَ پلاند وٺڻ لاءِ پنهنجي مرضي جي وقت، هنڌ ۽ انداز ۾ جواب ڏيڻ جو حق محفوظ رکي ٿو. جڏهن ته پاڪ فوج کي ان سلسلي ۾ مناسب ڪارروائي ڪرڻ جو باظابطا اختيار ڏنو ويو آهي. پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته "ڀارتي اڳرائيءَ تي ڏاڍي ڏک ۽ ڪاوڙ جو شڪار پاڪستاني قوم پنهنجي هٿياربند فوج جي بهادري، جرئت ۽ وطن جي دفاع ۾ سندن وقتائتي ڪارروائي کي ساراهي ٿي. قوم ڪنهن به قسم جو جي جارحيت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي." پڌرائي ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان عالمي برادري کان مطالبو ڪري ٿو ته هو ڀارت جي غير قانوني قدمن جي سنگيني کي تسليم ڪري ۽ ان کي بين الاقوامي اصولن ۽ قانونن جي سنگين ڀڃڪڙين تي ڀڇاڙو ڪري. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان امن لاءِ پرعزم آهي ۽ ان ڳالهه جو عزم ورجائي ٿو ته هو ڪڏهن به پنهنجي خودمختاري ۽ علائقائي سلامتيءَ جي ڀڃڪڙي جي اجازت نه ڏيندو ۽ نه ئي پنهنجي عوام کي ڪنهن نقصان جو شڪار ٿيڻ ڏيندو."

02 بقايا

ڀارتي ڪارروائي کي " رات جي اونداهيءَ ۾ بزدلاڻو وار" قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان ان جو ڀرپور جواب ڏنو ۽ ڏيندو رهندو سندس چوڻ هو ته ڀارت جي اهڙي جارحيت پاڪستان جي صبر جو امتحان وٺڻ جي ڪوشش آهي، پر پاڪ فوج پنهنجي عوام ۽ سرحدن جي حفاظت لاءِ هر لمحي تيار آهي...

ڪري پنهنجي ناپاڪ نيت کي بي نقاب ڪري ڇڏيو پاڪستان هاڻ خاموش نه ويهندو. ڀارت امن جي آڇ کي ڪمزوري نه سمجهي. پنجاب جي سينئر وزير مريم اورنگزيب چيو ته پاڪستاني قوم پنهنجي بهادر فوج کي سلام پيش ڪري ٿي جنهن جارحيت جو فوري ۽ فيصلا ڪن جواب ڏنو ڀارت جا بزدلاڻا حملا جنهن معصوم شهرين، مسجدن ۽ نيلم جهلم جهڙي اهم آبي منصوبن کي نشانو بنايو انهي جي رد عمل ۾ اسان جي پاڪ فوج بي مثال طاقت ۽ بهادري سان ڪارروائي ڪئي. اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد وڊيو بيان ۾ چيو ته ڀارت طرفان رات جي اونداهي ۾ هٿين خالي پاڪستانين تي حملو ڪيو ويو جنهن تي پاڪ فضائيه پنج رافيل جهاز ڪيرائي دشمن کي جواب ڏنو. شيخ رشيد چيو ته دشمن سمجهي ٿو ته هو پاڪستان کي ڊڄاريندو پر پاڪستاني قوم نه جهڪي نه جهڪندي جيڪڏهن پاڪستان فيصلو ڪري ورتو ته دشمن محفوظ نه رهندو. اوهان اسان جي مسجدن کي شهيد ڪيو هاڻ برداشت جو مادو ختم ٿي ويو اڳوڻي گهرو وزير چيو ته پاڪستان زنده قوم آهي اسلام شهادت کي اعزاز سمجهي ٿو شهادت اسان جي لاءِ فخر آهي وقت آيو ته هر قرض لاٿو ويندو ۽ دشمن کي اهڙيون سزائون ڏينداسين جو هو ٻيهر پاڪستان طرف ڏسڻ جي همت نه ڪندو.

04 بقايا

دشمن رات جي اونداهيءَ ۾ پاڪستان تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڪ فوج ڀارت جي بزدلاڻي حملي جو وقتائتو ۽ اثرائتو جواب ڏنو هن چيو ته ڪالعدم بي ايل اي ۽ ٽي ٽي پي جا پيرا ڀارت ڏانهن وڃن ٿا. هن چيو...

بقايا 01

جو مطالبو رپورٽ موجب وڳڻ ۾ گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ خلاف شاگرديائين جو احتجاج بلڊنگ زبون بڻجي وئي 250 کان وڌيڪ پڙهندڙ نياڻيون خوف ۾ ورتل نئين بلڊنگ جو مطالبو خبر موجب وڳڻ شهر جي گورنمينٽ مين گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هُجڻ ۽ ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ ۽ ديوارن ۾ وڏا ڏار پوڻ سبب ٻارڙن ۾ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي شاگرديائين کي ڪلاسن مان ٻاهر ڪڍي پڙهايو پيو وڃي بلڊنگ جي زبون حال ۽ مرمت نہ ٿيڻ تي هيڊ ماستريائي ياسمين وڳڻ بختاور امينا ثنا شازيا نورجهان جي اڳواڻي شاگرديائين احتجاج ڪري نئين بلڊنگ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي هيڊماستريائي جو دانهڻ هو تہ اسڪول جي بلڊنگ انتهائي خستہ حالت ۾ ٿي وئي آهي ڇتين مان وڏا ڏار پئجي ويا آهن ڇت مان سيمينٽ جي ڇاپڙ ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان خوف سبب معصوم نياڻين کي ڪلاس رومن مان ٻاهر ڪڍي پڌري پٽ پڙهائڻ تي مجبور آهيون بلڊنگ جي زبون حالي جو لکت ۾ ضلعي آفيس ۾ شڪايت ڪئي آهي ۽ ڪيترا ڀيرا آفيسر پڻ وزٽ ڪري رپورٽ تيار ڪري ويا آهن ۽ نئين بلڊنگ جي سمري بہ تيار ڪئي وئي پر اڃا تائين نئين بلڊنگ جي اڏاوت ۾ ڪا بہ اڳڀرائي نہ ٿي سگهي آهي اسڪول ۾ ٻارڙن جي 250 کان وڌيڪ داخلا آهي جيڪي سخت گرمي ۾ ٻاهر پڙهي رهيا آهن هَن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهہ سميت اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ گرلس اسڪول جي نئين سر بلڊنگ جوڙائي بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 02

شر. حبيب الله شر ۽ ٻين پاران پريس ڪلب پيروسڻ تي پهچي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين الزام مڙهيندي چيو تہ ڳوٺ جاباالشر غلام سرور شر . رجب شر. بخت شر. مختيار شر اسانجي زمين تي قبضو ڪري رهيا آهن اهي ڳوٺ جو وڏيري سليم شر پئسا وٺي اسان کي موت مار ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيو آهي ايس ايڇ او پيروسڻ پئسن عيوض پنهنجي ونگارو بڻيل آهي هنن دانهندي چيو تہ اسان اهڙي قبضي جي پٽيشن ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي آهي ۽ هنن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي سکر. ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو تہ سائنس انصاف ڪيو وڃي ۽ بااثر وڏيري ۽ قبضو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 03

جي شهادتن خلاف ۽ پنهنجي فوج سان قومي اظهار يڪجهتي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر جي صدر ۽ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل جي اڳواڻي ۾ اڄ پريس ڪلب سکر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ پيپلزپارٽي سٽي سکر جي جنرل سيڪريٽري حاجي احسان لاشاري. پيپلزپارٽي ضلعي سکر جي انفارميشن سيڪريٽري لياقت خالدي. ٽائون چيئرمينز محمد دين. عزيزالله مغل. ٽائون وائس چيئرمينز مرتضيٰ گهانگهرو. ذوالفقار ڪوسو. يوسي چيئرمينز. وائس چيئرمينز. ڏيلي تنظيمن جي عهديدارن. ڪائونسلرز ۽ پارٽي ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 04

قائمخاني جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهرين معززين مولوي منور. الادين پٺاڻ . نول راءِ مهيشوري . شڪيل قائمخاني. سيٺ جيوراج مهيشوري . ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي. جڏهن تہ مين پرائمري اسڪول جي شاگردن استادن شوڪت شيدي . ابراهيم . اوڪو مل ميگهواڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارت خلاف سخت نعريبازي ڪيي آخر پاڪستان جي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا 05

گهر اچڻ تي حادثو هڪ شاگرديائي فوت ٿي وئي ٻہ شاگرديائيون زخمي. نصيرآباد ٽيليفون ايڪسينج ويجهو نصيرآباد واسي چوڪيدار صفدر علي بروهي جي ريپيٽر مان اوچتو فائر لڳڻ سبب 18 سالا زهران ڌي غلام شبير وڪو موقعي تي فوت ٿي وئي آهي. ٻہ شاگرديائيون 16 سلما ڌي ممتاز وڪو ۽ 18 سالا پره ڌي وزير علي پٽي زخمي ٿي پيون جن رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو. هوڏانهن فوتي شاگرديائي جو پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. هوڏانهن زخمي شاگرديائين کي سيريس حالت هئڻ ڪري علاج لاءِ لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو پي پاسي ايس ايڇ نصيرآباد ميڊيا کي ٻڌايو تہ شاگرديائيون امتحاني سينٽر واپس گهر اچي رهيون تہ صفدر بروهي نالي شخص جنهن وٽ ريپيٽر هيو.. جنهن جو اوچتو فائر ٿيڻ سبب هي حادثو پيش آيو جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي.

بقايا 06

محمد باگراڻي ۾ پوليس مبينہ فائرنگ ۾ نوجوان قتل. وارثن جو لاش رکي سمس اسپتال آڏو ڌرڻو ٽائرن کي باهہ ٽريفڪ معطل. مسافر سخت گرمي سبب دربدر. پوليس نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪيو آهي وارثن جو الزام. نوجوان ڦرڪري گهر ۾ لڪي ويو ڪيس پيش ٿيڻ لاءِ چيوسين پاڻ کي گولي هنئي اٿس پوليس خبر موجب:شهدادپور ويجهو ڳوٺ غلام محمد باگراڻي ۾ پوليس مبينہ فائرنگ جي نتيجي ۾ 22 سالا عبداللطيف باگراڻي گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جيڪو زخمن جا سور نہ سهندي شهدادپور سمس اسپتال ۾ فوت ٿي ويو فوتي جي لاش کي شهدادپور سمس اسپتال جي مرده خاني ۾ رکيو ويو جتان وارثن سمس اسپتال جي مين گيٽ تي لاش ايمبولينس ۾ رکي روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين مقتول ڀاءُ حنيف باگراڻي موجب تہ پوليس بيگناهہ منهنجي ڀاءُ کي گوليون هڻي قتل ڪيو آهي. پوليس بيگناهہ نوجوان کي گهران ڪڍي گوليون هڻي قتل ڪيو آهي هوڏانهن ايس ايڇ او دريا خان رند جابر لاهوري رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ مذڪوره ڦورو پاڻوجا برادري جي ماڻهن کان ڦرڪئي سندس پيچو ڪرڻ بعد ڦورو گهر ۾ لڪي ويو ڪيس ٻاهر نڪري گرفتاري جي وارنٽ ڏنيسين تہ خوف ۾ پاڻ کي گولي هڻي هنئين اٿس هوڏانهن پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 07

۽ هن اميد ظاهر ڪئي تہ هي صورتحال جلد ختم ٿي ويندي. پاڪستان تي هندستان جي حملي ۽ پاڪستان جي جوابي ڪارروائي تي پنهنجي بيان ۾. مارڪو روبيو چيو تہ هو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مسئلي جي پرامن حل لاءِ هندستان ۽ پاڪستاني قيادت سان رابطو جاري رکندو. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان ۽ هندستان چڪتاڻ واري صورتحال جو جائزو وٺي رهيا آهن ۽ هندستان ۽ پاڪستاني قيادت ٻنهي کي پرامن حل لاءِ شامل ڪندا رهندا. ٻئي طرف. ذريعن جو چوڻ آهي تہ آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو پاڪستان جي قومي سلامتي صلاحڪار سان رابطو ڪيو ۽ هندستاني ميزائل حملي کان پوءِ جي صورتحال تي بحث ڪيو.

بقايا 08

تنظيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ ڀارت رات جي پيٽ ۾ پاڪستان تي ٿيل بزدلاڻي حملن جي ڀرپور مذمت ڪيون ٿا. ڀارتي حملو شرمناڪ عمل آهي. بزدل دشمن شهرين کي نشانو بڻايو آهي. مسجدن تي حملا مودي جي انتها پسندي ذهنيت جو نتيجو آهي. حملو خود مختياري جي کليل ڀڃڪڙي آهي. اسان پنهنجي وطن جو هر صورت ۾ دفاع ڪنداسين. پاڪستان جي قومي سلامتي تي ڪابہ سوديبازي نہ ڪنداسين. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" چيو تہ هر ملڪ کي پنهنجي دفاع جو حق حاصل آهي ۽ پاڪستان پنهنجي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻي ٿو جنهن تازو مثال رات جي پيٽ ۾ ڀارت پاران ٿيل اڳرائي جي نتيجي ۾ سندس جنگي جهاز کي تباهہ ڪرڻ آهي. پاڪستان ڪنهن سان بہ جنگ جي خواهش نہ ٿو رکي. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" چيو تہ ڀارت جو اهڙو حملو بين الاقوامي قانونن. خاص ڪري اقوام متحده جي چارٽر ۽ جنگي آئينن جي خلاف آهي. رات جي پيٽ ۾ هڪ ملڪ جي سرحدن کي پار ڪرڻ ۽ فوجي حملن کي انجام ڏيڻ هڪ غيرقانوني عمل آهي. پاڻ چيائون تہ اهڙن حملن جو مقصد ٻنهي ملڪن ۾ امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ آهي. پاڪستان هميشہ امن ۽ تعاون جو حامي رهيو آهي ۽ اهڙي قسم جا حملا ملڪ ۾ عدم استحڪام پيدا ڪن ٿا. سروري تنظيم افواج پاڪستان سان هر مشڪل وقت ۾ گڏ بيٺل آهي.

بقايا 09

جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو. خبر موجب شهدادپور ويجهو جتيا ٽائي جي حد ڳوٺ محمد هاشم خاصخيلي ۾ ڳوٺ پرسان ويٺل نوجوان محمد پريل ولد مجنو خاصخيلي مبينا گولي لڳڻ سبب فوت, لاش کي سمس اسپتال جي مردا خاني منتقل ڪيو ويو. فوتي جي وارثن ميڊيا کي ٻڌايو آهي تہ اسان جو نوجوان گرمي سبب گهرن کان ٻاهر ويٺل هو تہ اوچتو فائر ٿيڻ جو آواز آيو ٻاهر نڪري ڏٺوسين تہ اسان جو نوجوان کي گولي لڳل آهي ۽ ڦٿڪي رهيو آهي, جنهن کي اسپتال کڻي پيي آياسين تہ فوت ٿي ويو. هنن وڌيڪ چيو تہ اسان جي ڪنهن سان ڪابہ دشمني وغيره ناهي خبر ناهي ڪنهن اسان سان ظلم ڪيو آهي, هوڏانهن فوتي جي وارثن مردا خاني ۾ احتجاج ڪندي دانهيو تہ ٻن ڪلاڪن کان اسپتال ۾ آهيون اسان جي فوتي نوجوان جو پوسٽ مارٽم نٿو ڪيو وڃي ۽ پوليس پڻ غايب آهي, هنن واقعي جي جاچ جو مطالبو ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو آهي,

بقايا 10

جون ٽيمون تشڪيل ڏنيون وڃن , ارڙي جي بيماري جي ڪري صوپوديرو لڳ ڳوٺ وڏا واطٺي يارنهن مهينن جي ٻارڙي زينب گانگهرو ولد امين گانگهري جي فوتگي جا اطلاع , علائقي ۾ لاڪڙو , ارڙي ننڍي ماتا جا چوپول گردش ڪرڻ لڳا , علاج معالج نہ هئڻ ڪري فوتگين جا اطلاع وڌڻ جا چوپول ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا , صحت کاتي جو عملو هن پاسي توجہ ڏيڻ کان ڪاٺر دوائون بي اثر آهن ٽيمون تشڪيل ڏئي علائقي ۾ ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽريائيون مقرر ڪيون وڃن , صحافين ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سان ڳوٺاڻن جون شڪايتون ڪيون آهن ارڙي , لاڪڙو ننڍي ماتا جي وڌڻ جون شڪايتون ملڻ شروع ٿي ويون آهن اهڙي گرمي جي موسم ۾ اهڙي خطرناڪ موضي مرض ۾ ورتل اسپتالن ۾ دوائون نہ ملڻ ڪري سوين مريض ڳوٺاڻا پريشان آهن جڏهن تہ باخبر ذريعن تصديق ڪندي ٻڌايو آهي تہ لاڪڙو ارڙي ننڍي ماتا جي وڌندڙ مرض جو علائقي ۾ خوف ڇانيل آهي ۽ ڊاڪٽرن جي لاپرواهي سبب وڌيڪ هن موضي مرض ۾ مبتلا مريض خاص طور معصوم ٻارڙن جي جاني نقصان ٿيڻ جا وڌيڪ انديشا آهن , انساني حقن جي تنظيم هيومن رائيٽس واچ پاڪستان جي مرڪزي WC تعلقہ صوپوديرو جي اڳواڻن نوٽس وٺندي وزير صحت ,سيڪريٽري صحت سنڌ ڪمشنر سکر ڊي سي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي تہ نوٽس وٺي لاپرواهي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري قيمتي زندگيون بچايون وڃن ,

بقايا 11

آجو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو آهي جنهن جي سڃاڻپ گاجي ڪهاوڙ پرسان ڳوٺ ابراهيم پنهور جي رهواسي 21 سالن جي نوجوان صابر علي ولد شهزادو پنهور طور ٿي آهي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو جتي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو ٻئي طرف فوتي نوجوان جي والد موجب منهنجو پٽ مائٽن ڏي ميندي جي رسم تي ويل هو جنهن بعد اڄ پٽ جو تشدد ٿيل لاش مليو آهي اسان سان وڏو ظلم ٿيو آهي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 12

زمينون ۽ وسيلا ڦٻائڻ. 6 نوان ڪينال ناهڻ ۽ سنڌ برباد ڪرڻ بند ڪيو پنجاب سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي. ارسا ۽ پنجاب حڪومت سنڌ سان دوکو ڪري ڪوٽ دوران بہ ڏاڙيل واهہ کولي سنڌ جو پاڻي چوري ڪري رهيا آهن سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي هن چيو تہ حصي جو پاڻي نہ ملڻ ڪري سمنڊ ٺٽو سجاول. بدين جي لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. سنڌ کي جيڪو پاڻي ملي ٿو اهو وڏيرا, سردار, جاگيردار پنهنجي زمينن لاءِ زبردستي ڪٽي وڃن ٿا. جنهن ڪري ننڍا آبادگار, پڇڙي جا آبادگار پاڻي ڏک لاءِ پريشان آهن

بقايا 13

اڪ فوج ڀارتي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي قوم جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو آهي. هن مطالبو ڪيو تہ سنگين صورتحال ۽ قومي يڪجهتي جي ضرورت کي ڏسندي حڪومت فوري طور تي اي پي سي گهرائي. فوج جي ايمان, جهاد, ۽ تقويٰ جي نعري هيٺ سڄي قوم کي فوجي تربيت ۽ جذبي لاءِ تيار ڪيو وڃي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو تہ بزدل دشمن. اڳ وانگر وري هڪ ڀيرو ٻيهر رات جي اونداهيءَ ۾ حملا ڪيا ۽ مسجدن سميت سول آباديءَ کي نشانو بڻايو. جيڪو سندن انتهائي گهٽيا ۽ بزدلاڻہ ذهنيت کي ظاهر ڪري ٿو ڀارت کي وڌيڪ سبق سيکارڻ ۽ پاڪستان جي شهہ رڳ ڪشمير جي آزادي هاڻ ناگزير بڻجي چڪي آهي. پاڪستاني قوم مڪمل طور تي متحد آهي ۽ ڀارت جي بزدلاڻہ حرڪتن جو ڀرپور جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هن شهيدن جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي چيو تہ شهيدن جو رت ضايع نہ ويندو. ڀارت کان شهيدن جي رت جي هر ڦڙي جو حساب ورتو ويندو. صوبائي امير ڪراچي کان ڪشمور تائين جماعت اسلامي جي ڪارڪنن کي قومي رضاڪار بڻجڻ جي تياري جي هدايت ڪئي ۽ الخدمت جي قيادت کي ڊيزاسٽر مينيجمينٽ کي سرگرم رکڻ جو حڪم ڏنو هن چيو تہ هاڻ وقت اچي ويو آهي تہ پاڪستان ۾ هر شهري لاءِ فوجي تربيت لازمي قرار ڏني وڃي. اسرائيل. سنگاپور سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ هر شهري لاءِ فوجي تربيت لازمي آهي. پاڪستان ۾ بہ اهڙو قانون فوري طور تي صدارتي آرڊيننس ذريعي لاڳو ڪيو وڃي.

بقايا 14

ڪان پوءِ لاهور, اسلام آباد ۽ سيالڪوٽ سميت ٻين جڳهين کان ايندڙ اڏامن کي ڪراچي ايئرپورٽ تي لينڊ ڪرايو پيو وڃي. ذريعن موجب ڀارتي ميزائل حملن کان پوءِ پاڪستان جي فضائي حدن ۾ موجود اڏامن جو رخ تبديل ڪيو ويو آهي. ڀارتي حملي کان پوءِ ڪراچي جون فضائي حدون ڪمرشل اڏامن لاءِ کليل آهن جده کان اسلام آباد ويندڙ سعودي ايئرلائن جي اڏام جده کان لاهور ويندڙ سعودي عرب جي اڏام ۽ ابوظهبي کان نئين دهلي ويندڙ اتحاد ايئرويز جي اڏام (جيڪا پاڪستاني فضائي حدن ۾ هئي) انهي جو رخ بہ ڪراچي طرف موڙيو ويو سيالڪوٽ انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي ترجمان موجب موجوده ملڪي سلامتي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پاڪستان حڪومت جي حڪمن موجب سيالڪوٽ انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي ايندڙ ٻئي نوٽيس تائين سمورين فلائٽ آپريشن جي لاءِ عارضي طور تي بند ڪيو ويو آهي. سي اي اي جي ذريعن موجب پاڪستان جي ايئرپورٽس تي فضائي آپريشن معطل ڪيو ويو آهي. ٻئي حڪم اچڻ تائين لاهور ۽ اسلام آباد سميت ٻين ايئرپورٽس تي فضائي آپريشن معطل آهي. ٻئي طرف قومي ايئرلائن جون اچوڪيون سمورين اڏامون ملتوي ڪيون ويون آهن نجي فضائي ڪمپنين بہ اڄ ڪراچي کان آپريٽ ٿيل سمورين اڏامون ملتوي ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 15

اٿارٽي طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ملڪ جا سڀ هوائي اڏا ۽ فضائي حدون مڪمل طور تي فعال آهن. پاڪستان جي مختلف هنڌن تي ڀارت طرفان 6 مئي تي ٿيل حملن کانپوءِ پاڪستان جا سڀ هوائي اڏا ۽ فضائي حدون بند ڪيون ويون هيون. هائي پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ "قومي فضائي حدون شهري هوابازي لاءِ دستياب ۽ محفوظ آهن." بيان ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان ڀارت جي چڙهائيندڙ قدمن کانپوءِ شهري هوابازي جي حفاظت لاءِ آيل سنگين خطرن بابت بين الاقوامي سول ايوي ايشن آرگنائيزيشن(آءِ سي اي او) کي باظابطا طور تي پنهنجي ڳڻتي کان آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 16

پاران پٽ شاهہ هالا پريس ڪلب اڳيان ڪوٽڙي جي صحافي نويد پنهور مٿان ٿيل قاتلاڻي حملي جي خلاف صحافين متياري يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي ضلعي صدر عبدالغفور عرف اداپائو ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي پوليس انتظاميه خلاف الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا احتجاج ۾ هالا, پٽ شاهہ جي صحافي علي حيدر ملاح. سهيل راجپوت, عقيل پنهور,نعيم قريشي,قاسم بلال, اختيار علي جت, عبدالقيوم راجپوت, علي رضا جت, امان الله ڏاهري, شريف سولنگي, عاقل ابڙو, انوار الحق ميمڻ, ارشاد لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي ويئي مظاهري کي خطاب ڪندي متياري يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي صدر عبدالغفور عرف اداپائو ميمڻ چيو تہ سڄي سنڌ ۾ صحافين سان زيادتيون جاري آهن ۽ موجودا حڪومت صحافين کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ويئي آهي هنن وزيراعلا سنڌ آءِ جي سنڌ ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو تہ صحافي نويد پنهور جي مٿان قاتلانا حملو ڪرڻ ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو وڃي

بقايا 17

پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ اسان جي واپاري محمد رفيق رند کان نامعلوم ڦورن پاران 3 لک ڪيش , ون ٿو فائيو موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦور ڪري ڪيس زخمي ڪرڻ وارا جوابدار 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود اڃا تائين گرفتار نہ ٿي سگهيا آهن هنن چيو تہ ٻَٽَ ۾ ٻڌل هٿياربند اڳي بہ اسان جي واپارين کان ڦرون ڪري چڪا آهن پر افسوس جو ڪو داد نٿو ڪيو وڃي جڏهن تہ هن وقتَ پيديءَ وارن جي سيزن آهي جيڪڏهن واپاري غير محفوظ رهيو تہ ڪو ڪاروبار نہ ڪري سگهندو پريس ڪانفرنس ۽ مظاهري بعد سمورا واپاري جلوس جي شڪل ۾ سڪرنڊ ٿاڻي تي پهتا جتي هنن پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي ايس ايڇ او سڪرنڊ اصغر عالم هاليپوٽو ۽ وڏي منشي عابد ڪيريو واپارين کي يقين ڏياريو تہ هُو جلد ۾ جلد جوابدارن تائين پهچي ڦرڪيل رقم واپس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا ايس ايڇ او ٻہ چيو تہ ڦر منهنجي حد ۾ ٿي آهي جيڪو منهنجي لاءِ پڻ چيلينج آهي مان ڪڏهن بہ نہ چاهيندس تہ منهنجي حد ۾ ڏوهہ ٿئي باقي ايترو آهي جو هن علائقي ۾ پهريون ڀيرو آيو آهيان ڏينهن بہ صرف چار ٿيا آهن ان ڪري اڃا سڪرنڊ جي ماحول کي مڪمل سمجهي نہ سگهيو آهيان جنهن جي ڪري لوفر لفنگي ۽ شريف ماڻهن جي پرک ڪري رهيو آهيان ان شاءالله جلد صورتحال تي ڪنٽرول ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ ڏوهہ ۽ ڏوهاري ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيا ويندا هن وڏي منشي کي هدايتون جاري ڪيون تہ جتي جتي پيپليون آهن ان پاسي پوليس گشت وڌايو وڃي :

بقايا 18

پريس ڪلب تي پهتي. جتي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ شامل ماڻهن جي هٿن ۾ پاڪستاني جهنڊا کنيل هئا ۽ فضا "پاڪ فوج زنده باد" ۽ "انڊيا مرده باد" جي نعريبازي سان گونجي اٿي.ريلي جي اڳواڻي پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ سکر ڊويزن جي صدر اشرف باجوه سميت ٻين مقامي اڳواڻن ڪئي. مظاهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ ڀارت پاران ڪيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ ان کي بزدلاڻو عمل قرار ڏنو.اشرف باجوه چيو تہ "ڀارت هڪ بزدل ملڪ آهي جيڪو رات جي اونداهي ۾ حملو ڪري ٿو. پر اهو وساري ٿو تہ پاڪستان جي بهادر فوج هر وقت دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي." هن وڌيڪ چيو تہ. "جيڪڏهن ڀارت جنگ جي شروعات ڪئي آهي تہ ان جو انجام هاڻ اسان ڪنداسين ۽ ڀارت کي ان جي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو مظاهرين ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي للڪاري چيو تہ. "تيار رهو, پاڪستاني فوج توکي نست و نابود ڪرڻ لاءِ تيار آهي." انهن پاڪ فوج سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي نعرو هنيو: "پاڪ فوج قدم وڌايو. اسان اوهان سان گڏ آهيون.اڳواڻن چيو تہ ڀارتي فوج طرفان بيگناهہ ۽ هٿين خالي شهرين تي حملا عالمي سطح تي انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي.

بقايا 19

مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙن ماڻهن ڀرپور شرڪت ڪئي. جنهن تي مختلف ضلعن ۾ ڌرڻي ۾ شريڪ ماڻهن تي ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. اسان انهن گڏ بيٺل آهيون. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ڌرڻي ۾ شريڪ ڪجھ صحافين خلاف بہ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ڌرڻي ۾ شريڪ ماڻهن کي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي. اسان کي چيو ويو هو تہ ڪنهن جي خلاف بہ انتقامي ڪارروائي نہ ٿيندي پر هاڻ انتقامي ڪارروايون شروع ڪيون ويون آهن. ان عمل جي ڀرپور مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو تہ سنڌ حڪومت ۽ پوليس کي خيال ڪرڻ گهرجي. ملڪ هن وقت نازڪ حالت مان گذري رهيو آهي. حڪومت کي پنهنجو معيار ڪيرائڻ نہ گهرجي. ڏکين حالتن ۾ عوام کي فوج سان گڏ ٿي بيهڻو آهي. هنن چيو تہ ٻيهرو ڌرڻو 11 ڏينهن رهيو جيڪو پر امن رهيو. گلاس بہ نہ ڀڳو. ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙن تي ڪيس داخل نہ ڪيا وڃن. مختلف ماڻهن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. پوليس سنڌ جي شعور کي ڪچلڻ ٿي چاهي. سنڌ جي شعور سان وڪيل برادري گڏ آهي. اسين سنڌ جي عوام سان گڏ آهيون. سنڌ حڪومت اهڙيون حالتون پيدا نہ ڪري جو وڪيل برادري ٻيهر روڊن تي اچڻ تي مجبور ٿي وڃي.

بقايا 20

جي ڌر پاران مين انڊس هاءِ روڊ بلاڪ ڌرڻو. پوليس ۽ بااثر ماڻهن پتو نہ ڏيڻ تي زرعي زمين تي قبضي جو الزام تفصيل موجب : ـ پڪو لڳ ڳوٺ رتوڪوٽ جي زرعي زمين تي مالڪيءَ جو تڪرار ٿيڻ ٻاهر بڻجي ويو. جتي چاوڙا ۽ ميتلا برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ زرعي زمين جي مالڪيءَ تان نہ صرف چڪتاڻ وڌي وئي, پر ٻنهي طرفن کان فائرنگ پڻ ٿي. جنهن سان علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو. تڪرار بعد چاوڙا برادري جي سوين ماڻهن انڊس هاءِ وي تي رڪاوٽون وجهي ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪيو. مظاهري سبب ڪراچي ـ لاڙڪاڻو روڊ ٻنهي طرفن کان بند ٿي ويو. مسافر گاڏيون ڄام ۽ ڦاسي ويون. مسافر پريشان حال روڊن تي بيٺل رهيا, جڏهن تہ پوليس منظر تي موجود هجڻ باوجود خاموش تماشائي بڻيل رهي,احتجاج ڪندڙ اڳواڻن محمد اسماعيل, محمد موسيٰ, عبدالرزاق, اصغرعلي چاوڙو, عابد علي, ساجد چاوڙو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ 30 جريب زرعي زمين جنهن تي هو گذريل ٽن ڏهاڪن کان آباد بہ اسان ئي ڪندا آهيون. تنهن تي هاڻ ميتلا برادري سان لاڳاپيل ڪجهہ بااثر پتاخور قبضو ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا آهن, جيڪي پوليس جي ملي ڀڳت سان نہ فقط زمين تي حملہ آور ٿيا, پر پتو گهري ڪين حراسان ڪري رهيا آهن. اصغرعلي چاوڙو جو چوڻ هو تہ سندن قبضي جي مالڪي بابت لکتي ثبوت موجود آهن. پر پوليس ان باوجود حملو ڪندڙ ڌر جي ساٿاري بڻيل آهي. جيڪو قانون جي لتاڙ ۽ عدالتي نظام لاءِ وڏو چئلينج آهي. سندس وڌيڪ چوڻ هو تہ پوليس جي موجودگيءَ ۾ ٿيل فائرنگ ۽ حملو قانون جي نافرمانيءَ جو واضح ثبوت آهي. ڌرڻي دوران اڳواڻن ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو تہ زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ هٿياربند ۽ پتوخورن کي فوري طور گرفتار ڪري ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي , ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. آخر ۾ ڌرڻو ٽن ڪلاڪن تائين جاري رهيو. جنهن بعد ايس ايڇ او ۽ ٿاڻو تعلقو عبدالغفور چنو ۽ ايس ايڇ او پڪو سردار احمد ڪولاچي ڌرڻي واري هنڌ پهچي متاثر ڌر سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو. ڌرڻي جي ختم ڪانپوءِ شاهراهہ تي ٽريفڪ بحال ٿي وئي ۽ روڊن تي بيٺل مسافر گاڏيون پنهنجي منزلن ڏانهن روان دوان ٿي ويون.

بقايا 21

ملاح جي اڳواڻي ۾ جوجناح گيٽ سامهون بک هڙتال جاري بک هڙتالي ڪئمپ تي عوامي تحريڪ مليرجا اڳواڻ يڪجهتي طور پهتا اسٽيل ملز پورهيتن چيو آهي تہ پاڪستان سي اي او توهين عدالت ڪندي پورهيتن جون پگهارون نٿو ڏئي پنهنجي من ماني ڪري رهيو آهي جڏهن تہ سروس ٽربيونل پورهيتن جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي ٻئي پاسي چارهفتا گذري ويا پر سي اي او اسد ماهني وڏي وزير سنڌ مراد علي شاهہ جي حڪم کي بہ ٺڏي ڇڏيو آهي سي اي او اسد ماهني وڏي وزير کي چيو تہ پورهيتن 1372 کي چارهفتن ۾ پگهارون جاري ڪندس پر پگهارون جاري نٿو ڪيو هنن مطالبو ڪيو تہ وزيراعظم پاڪستان , وڏو وزير سنڌ سروس ٽربيونل ڪورٽ نوٽس وٺي سي اي او اسد ماهني . چوڌري اڪرم ۽ اصغر شاهين خلاف توهين عدالت جي ڪاروائي ڪئي وڃي پورهيتن کي پگهارون ۽ رهتون ڏنيون وڃن عوامي تحريڪ اڳواڻ چيو تہ سنڌ سرڪار ۽ وفاقي سرڪار پورهيتن جا مسئلا فوري طور حل ڪرائي پورهيتن تي سروس ٽربيونل جي فيصلي موجب بحال ڪري ۽ پگهارون جاري ڪيا وڃن

بقايا 22

جي سربراهہ اياز لطيف پليجي چيو آهي تہ مودي اليڪشن کٽڻ لاءِ جنگي جنون اختيار ڪيو آهي. اسان کي جنگ نہ امن جي ضرورت آهي. جنگ پاڪستان ۽ هندستان جي لکين ماڻهن جي زندگي تباهہ ڪري ڇڏيندي. جنگيون تباهي کان سواءِ ڪجھ بہ ناهن ڏينديون.اسان جي لاءِ غربت, صحت, تعليم, ڪلائيميٽ چينج وڏا چئلينج آهن. ڏکڻ ايشيا جا ماڻهو غربت, بدحالي, بيمارين, ميرٽ جي لتاڙ, معاشي استحصال, بيڊ گورننس جو شڪار آهن. ڪلائيميٽ ۽ چينج, پاڻي ڪوٽ وڏا مسئلا آهن. اياز لطيف پليجي چيو تہ دنيا جا سڌريل ملڪ امن. سائنس, تعليم جي ميدان ۾ تمام اڳتي آهن اسان کي امن گهرجي, تعمير, سائنس, سياسي, سماجي ۽ معاشي انصاف ۽ ترقي گهرجي. غربت جو خاتمو برابري گهرجي.

بقايا 23

جي حمايت پاڪستان زندا باد جي عنوان شهر جي معززين شهرين مذهبي اڳواڻن ۽ نجي اسڪول جي شاگرد محمد شفيق مولانا نعمت الله فاروقي چيئرمين امتياز احمد آرائين پريس ڪلب ڀريارود جي صدر محبوب نوناري جي اڳواڻي ۾ ختم نبوت چوڪ کان فاروق اعظم چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي کي اڳواڻن محمد شفيق .مولانا نعمت الله فاروقي چيئرمين امتياز احمد استاد محمد انور صحافي محبوب نوناري ۽ ٻين خطاب ڪندي ريلي کي چيو ت اسان جي پاڪ فوج انڊيا کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن ۽ انهن پاڪ فوج جي همت اڳيان جلد گوڏا کوڙي وايپت ڪپڙي جوجنهدو ڏيکاري پنهنجي جان ملڪ بچايو آهي مودي سرڪار لعنت جي حقدار آهي پاڪستان جو عوام پنهنجي پاڪ فوج سان هروقت گڏ آهي ۽ ملڪ جي خاطر جانين جا نظرانا ڏينداسين ريلي ۾ انڊيا تي لعنت جا بي شمار نعرا ۽ انڊيا جو پرچم کي باهہ ڏيي ساڙيو ويو ۽ پاڪ فوج پاڪستان زندا باد جا نعرا لڳايا ويا ۽ وڏي انگ ۾ مذهبي ڪارڪنن صحافين نظيرعلوي - جاويد ڪمبوه ريلي ۾ شرڪت ڪيي استاد قادر بروهي استاد محمد انور ۽ ٻين شرڪت ڪيي

بقايا 24

ايجنٽ, سهولتڪارن جعلي فنگر ٺهرائي ورتا آهن جڏهن تہ ڊيوائيز ايجنٽ گهرن اوطاقن تي عورتن کي گهرائي تذليل ڪرڻ جو سلسلو جاري, فنگر هڻائي چون ٿا قسط ناهي آئي, پوليس سميت بااثر ڊيوائيز مافيہ جا سهولتڪار بڻيل , نوٽس ورتو وڃي, رپورٽ موجب گذريل ڪافي سالن کان وٺي بسپ پاران مستحق عورتن جي تذليل جو سلسلو بہ جاري آهي جڏهن تہ ڊيوائيز ايجنٽ بااثر هئڻ سبب پوليس روينيو جا ڪيترائي اهلڪار سهولتڪاري ڪرڻ جا مبينا الزام آهن , جڏهن تہ بسپ جا ايجنٽ , ڊيوائيز مافيا , ايجنٽ , سهولتڪارن جعلي فنگر ٺهرائي ورتا آهن جڏهن تہ ڊيوائيز ايجنٽ گهرن اوطاقن تي عورتن کي گهرائي تذليل ڪرڻ جو سلسلو جاري , فنگر هڻائي چون ٿا قسط ناهي آئي , پوليس سميت بااثر ڊيوائيز مافيہ جا سهولتڪار بڻيل , نوٽس ورتو وڃي , جڏهن تہ ڪيترن ئي عورتن صحافين کي نالا نہ ٻڌائڻ تي ٻڌايو تہ ڊيوائيز ايجنٽ عرفان شاهاڻي محبوب ڊومڪي زاهد جوٽيجو , غني هيسباڻي اخلاق احمد پليجو سهولتڪار عورتن کي حراسان ڪرڻ قسط مان هڪ هزار ٻہ هزار ٽي هزار ڪن ويچارين جون تہ مڪمل قسطون ئي ڪٽجي وڃن ٿيون , جنهن جو بہ نوٽس نہ ٿو ٿئي, جڏهن تہ عورتن کي ٽي ٽي ڏينهن ڳوٺن ۾ گهرائي ٻڪرين جي واڙي تي ويهاري ويهاري ايجنٽ چون ٿا تہ توهان جي قسط ئي نہ آئي آهي يا جيڪڏهن آڱوٺو هڻائي چون ٿا تہ پيسا بہ ٽي ڏينهن پوءِ ونندا اهڙين دانهون بہ بزرگوار عورتن بہ صحافين سماج سڌارڪن اڳيان ڪيون آهن جيڪا وڏي زيادتي آهي , جيڪڏهن اهڙين زيادتين جو نوٽس نہ ورتو ويو تہ پوءِ اهڙن ايجنٽن خلاف عدالت سگهوري وڃي ڪيس داخل ڪيا جيئن انهن خلاف قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ,

بقايا 25

جي بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪيوڳوٺ جلال مگريو واسي ڳوٺاڻو شهميرعلي منگريو عوامي پريس ڪلب ڪنديارو تي پهچي دانهيندي ٻڌايو تہ بااثرن نوراحمد منگريو, امين منگريو, ۽ سهراب منگريو ڪجھ ٻين نامعلوم ماڻهن سان گڏ منهنجي گهر تي چڙهائي ڪري پچ داهہ ڪري جگهہ ۾ لڳل ٽيش, گاٻر, ڪنون ضروري ڪاغذ ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي ويا آهن اهڙي فرياد ڪنديارو ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرائي آهي پران باوجود پوليس ڪو بہ تحرڪ ناهي ورتو مٿي ڄاڻايل بااثر ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سان گڏو گڏ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي بااثرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا 26

پاران ناقص ميٽيريل جو استعمال ڪرڻ خلاف شهرين جو احتجاج ان موقعي تي شهرين محمد چٽل چنو, علي گوهر چنو, محمد ملوڪ چنو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سڳيون شهر زرعي جنس جي حوالي سان وڏو ڪاروباري مرڪز آهي جتي ڪڻڪ, جوئر, گوار, تر, ڦٽي سميت ٻين مختلف زرعي جنس جو ڪاروبار عروج تي هوندو آهي ٻاهرين شهرن سان واپار جي سلسلي ۾ ٽرالر, ٽرڪ, ٽريڪٽر ٽرالي سميت ٻيون وزني گاڏيون مال کڻڻ لاءِ اينديون آهن رستي جو ڪراس ٽٽل هئڻ ڪري ڪافي ڀيرا احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جنهن کانپوءِ ان ڪراس جو ٺيڪو منظور ٿيو آهي جنهن ۾ ٺيڪيدار نالي ماتر سريو ۽ سيمينٽ سميت ناقص ميٽيريل جو استعمال ڪري رهيو آهي جيڪو هڪ طرف کان ٺهي پيو تہ ٻئي طرف کان پري ٽٽڻ شروع ٿي ويو آهي ڪراس جي ٽٽڻ سان مسافر گاڏين توڙي واپار جي سلسلي ۾ جنس جون وزني گاڏين جو رستو بند ٿي ويو آهي هنن مطالبو ڪيو تہ ناقص ميٽريل استعمال ڪندڙ ٺيڪيدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪري شهر ۾ داخل ٿيندڙ مين ڪراس جوڪم ۾ شفاف نموني ڪرايو وڃي.

بقايا 27

ڏيڻ لاءِ ميونسپل ڪميٽي هالا ۽ هيومن رائيٽس پروٽيڪشن ۽ سوشل جسٽس پاران هالا جي مير ستار گرائونڊ تي اٺ ڏهاڙا مينابازار جي افتتاحي تقريب ٿي گذري, مينا بازار ميلي جو افتتاح ميونسپل چيئرمين هالا گل محمد پنهور ۽ هيومن رائيٽس پروٽيڪشن پاڪستان جي چيئرمين راڻا غلام نبي راجپوت, متياري يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي ضلعي صدر عبدالغفور عرف اداپائو ميمڻ,امجد راجپوت, ڊاڪٽر قربان ميمڻ جن ڪيو, مينا بازار جي افتتاح بعد مهمانن لڳايل مينا بازار جو دورو ڪندي لڳل جهولن, سرڪس, ميجڪ شو, هيڙي,ميجڪ شو, سميت کاڌ پيت جي اسٽالن جو دورو ڪرڻ بعد مينا بازار ۾ پهتل شهرين, معزز شخصيتن, عورتن کي خطاب ڪندي ميونسپل چيئرمين هالا گل محمد پنهور, راڻا غلام نبي راجپوت, عبدالغفور ميمڻ چيو تہ سندن مقصد صرف هالا جي عوام کي تفريحي ماحول پيدا ڪري ڏيڻ آهي هنن چيو تہ ميونسپل پاران شهر جي نوجوانن ۽ شهرين کي نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورناميٽ, نائيٽ ڪوڏي ڪوڏي ٽورناميٽ لڳائڻ جنهن ۾ هالا سميت پوري ضلعي جي عوام تمام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي انجواءِ ڪيو انهي سلسلي ۾ اڄ هالا ۾ عورتن ۽ ٻارن کي تفريح ڏيڻ لاءِ مينا بازار لڳائي ويئي آهي, هيومن رائيٽس پروٽيڪشن جي چيئرمين راڻا غلام نبي راجپوت چيو تہ سندن مقصد صرف ۽ صرف علائقي غريب ۽ ٻي پهچ عوام جي مدد ڪرڻ ۽ سندن مسئلا اعلا ايوانن تائين پهچائڻ آهي هالا ۾ عورتن ۽ ٻارن لاءِ لڳايل تفريحي ميلي ۾ هو پنهنجي تنظيم پاران هر ممڪن مدد ڪندي شهرين کي بهتر کان بهتر تفريحي ماحول پيدا ڪرڻ ۾ ساٿ گڏ رهندا, متياري يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي ضلعي صدرعبدالغفور عرف اداپائو ميمڻ جو چوڻ آهي تہ ضلعي متياري جا صحافي هالا سميت ضلعي جي عوام جي بهتري لاءِ ٿيندڙ هرڪم ۾ ساٿ گڏ رهندا, مينا بازار جي افتتاحي تقريب ۾ راڻا گلزار, اختيار پاٺڻ, راڻا عامر,راڻا فردوس, ميڊم شهر بانو قريشي, صحافي امجد راجپوت, رحيم راجپوت, عمير ملڪ,رمضان مغل, ماسٽر جنگشيرسميت ٻين مهمانن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 28

پاڪستان خلاف تازن بزدلاڻن حملن جي سختيءَ سان مذمت ڪندي ڀارتي حڪومت ۽ فوج خلاف اپ ڏاريندڙ نعرا هنيا ويا. ريليءَ جي اڳواڻي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کماڻي ڪري رهيو هو. جنهن ۾ پرو وائيس چانسلر مين ڪئمپس پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهہ. پرو وائيس چانسلر ٺٽو ڪئمپس پروفيسر ڊاڪٽر مصباح بيبي قريشي, رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق علي جاريڪو, پروفيسر ڊاڪٽر عرفانہ ملاح, پروفيسر ڊاڪٽر غلام اڪبر مهيسر, ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري, ڊاڪٽر صنوبر رحمان شيخ, امر سنڌو, ڊاڪٽر مڪيش ڪمار کتوائي, ڊاڪٽر امبرين زيب خاصخيلي, ڊاڪٽر محمد يونس لغاري, ڊاڪٽر علي احمد بروهي, ڊاڪٽر محمد قاسم نظاماڻي, جاويد حسين عمراڻي ۽ ٻيا موجود هئا. ريلي انتظامي بلاڪ (اي سي ٽي) کان نڪتي, جيڪا انتظامي بلاڪ جو چڪر هڻڻ بعد واپس اي سي ٽي جي مک گذرگاهہ تي پهچي مظاهري ۾ تبديل ٿي ويئي. ان دوران ريليءَ ۾ شرڪت ڪندڙن "مودي سرڪار مرده آباد". "پاڪستان زنده آباد". ۽ "پاڪستاني فوج زنده آباد" جهڙا پرجوش نعرا لڳايا ۽ هندستاني فوج جي فريبي ڪارروائين خلاف پنهنجي گڏيل مؤقف جو اظهار ڪيو ريليءَ کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کماڻيءَ هندستاني حڪومت جي ڪارروائين جي سخت مذمت ڪئي ۽ چيو تہ پاڪستان هڪ فخريہ جوهري طاقت ملڪ آهي ۽ ڪا بہ ٻاهرين قوت ان کي اهڙن چالباز حملن ذريعي شڪست نٿي ڏيئي سگهي. هن چيو تہ مودي سرڪار. ان جي اتحادي آر ايس ايس ۽ بي جي پي نہ رڳو پاڪستان لاءِ تہ صرف هڪ خطرو آهي, پر پوري علائقي جي امن ۽ استحڪام لاءِ پڻ هڪ تحديد آهي. هن چيو تہ هندستان جون بزدلاڻيون ڪارروايون پاڪستان خلاف هڪ وڏي سازش جو حصو آهن. جن جو مقصد ملڪ جي خودمختياري کي غير مستحڪم ڪرڻ آهي. پر پاڪستاني فوج مضبوط ۽ متحد آهي ۽ ڀارتي حملن جو مؤثر جواب ڏئي رهيا آهن. وي سي چيو تہ پاڪستان جا ماڻهو دلير ۽ پنهنجي فوج سان گڏ آهن ۽ اسان ڪنهن بہ غيرملڪي حملي آور ملڪ کان ڊڄڻ وارا نہ آهيون. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان صرف هڪ جوهري ملڪ ناهي, پر اهو هڪ اهڙو ملڪ آهي جيڪو پنهنجي زمين ۽ عوام جي حفاظت لاءِ هر وسيلا استعمال ڪندو ريلي جي پڄاڻيءَ تي شرڪت ڪندڙن پاڪستاني فوج جي حمايت جاري رکڻ ۽ ملڪ جي امن ۽ سلامتيءَ کي بچائڻ ۾ پنهنجي مضبوط عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 29

لاشاري اسٽاپ لڳ گلڻ سولنگي وٽ رات دير سان گڏهہ گاڏي سان هڪ ٻي پٺيان ٻن موٽر سائيڪلن جو ٽڪر, موٽر سائيڪل سوار 5 ڄڻا زخمي, سمس اسپتال منتقل, خبر موجب شهدادپور ويجهو رات دير سان ملدسي روڊ لاشاري اسٽاپ لڳ گلڻ سولنگي وٽ گڏهہ گاڏي سان هڪ ٻي پٺيان ٻن موٽر سائيڪلن جو ٽڪر ٿي پيو, ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪلن تي سوار دودو, دلشيرعلي, علي اڪبر, محمد علي ۽ دودو خاصخيلي زخمي ٿي پيا, سمورن زخمين کي طبي امداد لاءِ شهدادپور جي سمس اسپتال پهچايو ويو, زخمين ميڊيا کي ٻڌايو تہ رات جي وقت مختلف گاڏين ۾ فينسي لايٽون لڳل هجڻ سبب حادثو پيش آيو آهي هنن پوليس جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي گهرڪيي آهي تہ فوري موٽر سائيڪلن ۽ ٻين گاڏين ۾ لڳل فينسي لايٽن خلاف قانوني ڪاروايي ڪري انساني زندگيون حادثن کان بچايي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 30

قلپوٽو سنڌ جي وسيلن,زمينن دريائن ۽ شناخت تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي گڏيل جدوجهد سنڌ جي تاريخ جوهڪ روشن باب بڻجي وئي آهي سنڌياڻي تحريڪ سکر جي ايڊوائيزر ڪوثر قلپوٽو چيو آهي تہ سنڌ جي وسيلن تي قبضي,ڪارپوريٽ فارمنگ جهڙن منصوبن ۽ غيرمقامي طاقتور ڌرين جي آمد خلاف جيڪا منظم مزاحمت سامهون آئي آهي اها سنڌ جي عوامي شعور جي علامت بڻجي چڪي آهي ڪوثر قلپوٽو چيو تہ عوامي تحريڪ جيڪا اڳواڻ رسول بخش پليجوجي قائم ڪيل آهي ۽ هن وقت ايڊووڪيٽ وسند ٿري جي قيادت هيٺ سرگرم آهي اُن 12 فيبروري 2023 کان 29 اپريل 2025 تائين بنا ڪنهن وقفي جي مسلسل احتجاجي تحريڪ هلائي ان دوران سنڌياڻي تحريڪ جيڪا عورتن جي منظم ۽ نظرياتي تنظيم آهي هزارين عورتن کي منظم ڪري سنڌ جي مختلف شهرن سميت ملڪ جي ٻين حصن ۾ بہ آواز بلند ڪيو تحريڪ دوران ٿيندڙ ڪجهہ اهم واقعن جوذڪر ڪندي ڪوثر قلپوٽو ٻڌايو تہ 12 فيبروري 2023 تي ڪراچي مان هڪ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي 25 نومبر 2023 تي سجاول جي ڳوٺ حاجي پيارو خان ۾ ثقافتي مچ ڪچهري ٿي 6 آڪٽوبر 2024 تي مختلف ضلعن ۾ هاري ڪانفرنسون ٿيون 17 نومبر 2024 تي ڪراچي ۾ عورتن جي تاريخي ريلي ڪڍي وئي ۽ 22 ڊسمبر 2024 تي سکر ۾ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جوگڏيل مارچ ٿيو م تحريڪ جي اڳواڻن صحافت,وڪيلن,بار ڪائونسلن,سول سوسائٽي ۽ مقامي برادرين سان لاڳيتو رابطن ذريعي عوامي سجاڳي پيدا ڪئي جنوري کان اپريل 2025 دوران بہ سرگرميون جاري رهيون جن مان خاص طور تي ملير بار ۾ زمينن بابت قانوني ويهڪ ۽ 16 فيبروري 2025 تي اسلام آباد ۾ پاڻي جي ماهرن جي قومي ڪانفرنس شامل آهي جتي ڪارپوريٽ فارمنگ کي سخت لفظن ۾ رد ڪيو ويو ڪوثر قلپوٽو خاص طور تي سکر ۽ خيرپور جي سنگر ٻيرلو قومي شاهراهہ تي ٿيل 11 ڏينهن جي ڌرڻي جو ذڪر ڪندي چيو تہ روزاني بنياد تي عوامي ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي قيادت جي شرڪت ان ڳالهہ جوثبوت آهي تہ سنڌ جو عوام پنهنجي وسيلن جي تحفظ لاءِ هرحد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي آخر ۾ هن واضح ڪيو تہ هي جدوجهد صرف زمين يا پاڻي لاءِ نہ پر سنڌ جي حقن وسيلن ۽ سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ آهي سنڌ جا ماڻهو ڪنهن بہ قبضي ناانصافي يا غير قانوني عمل کي قبول نہ ڪندا. هي پيغام ان هر قوت لاءِ آهي جيڪا سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ جو خواب ڏسي ٿي مزاحمت جاري رهندي

بقايا 31

هڪ حاجي محمد هاشم ۽ حاجي سومر چوهاڻ هئا ۽ هڪ ڀيڻ مسمات فريده آهي جڏهن تہ ٻئي شادي مان اسان ٽي ڀائر هرهڪ رجب علي نظير علي ۽ اقبال چوهاڻ آهيون ۽ ڀيڻيون مسمات عظيمان ۽ نجيبان آهن منهنجي والد خدابخش چوهاڻ پنهنجي حياتي هوندي 45 ايڪڙ زمين منهنجي ڀائرن حاجي محمد هاشم ۽ حاجي سومر کي ڏنا هئا ۽ اٺ ايڪڙ ٺيہ گهنٽا مون ۽ منهنجي ڀائرن نظير علي ۽ اقبال چوهاڻ ۽ ٻن ڀيڻن کي ڏنا اسان جي زمين فوجي ڇانوڻي سڪرنڊ اچي وئي آهي انهي زمين جا پئسا جيڪي رينيو کاتي کان مليا آهن انهن ۾ بہ هنن جو شيئر ڄاڻايو ويو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي اها اٺ ايڪڙ ٺيہ گهنٽا زرعي زمين اسان کي مليل هئي ۽ اهڙي خبر اسان معززين کي پڻ آهي منهنجو ايم اين اي سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل آهي تہ مذڪوره زمين جا پئسا اسان کي ڏياريا وڃن جيڪو اسان جوحق آهي ۽ اسان جي امڙ پڻ حياتي آهي.

بقايا 32

موجب:بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ,واڌو بل موڪلڻ ۽ مختلف محلن جي ٽرانسفارمر جون لنڪون لاهڻ خلاف صدر آصف علي ڪانيو ,محمد تگڙ, منصور سومرو, اعجاز شيخ, ديدار ڪوکر ,صوفي غفار چنا, علي گوهر جتوئي جي اڳواڻي ۾ پوسٽ آفيس کان نيشنل بئنڪ تائين مشعل بردار ريلي ڪڍي وئي, ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ ايس ڊي او نصيرآباد ۽ ايل ايس هٽ ونئي بجلي بند ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ڪيو آهي بجلي جي بندش سبب واٽر سپلائي جي رسد بند ٿي وئي آهي مختلف محلن جي ٽرانسفارمرن جون لنڪون لاهڻ روز جو معمول بڻايو ويو آهي هڪ طرف بجلي ناهي ٻي طرف شهرين ڏانهن ڊٻڪشن جا بل موڪليا وڃن ٿا جنهن سبب شهري خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن اڳواڻن سيپڪو انتظاميا کي چتاءُ ڏنو تہ پنهنجو قبلو درست ڪن ۽ شهرين سان ناجائزي بند نہ ڪئي وئي تہ سندن خلاف انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 33

سامهون آيو آهي, جتي نامعلوم چور رات جو هڪ درزي جي دڪان جا تالا ٽوڙي قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. چور دڪان مان يو پي ايس, بيٽريون, قينچي, سلائي مشين ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي ويا متاثر دڪاندار, صفدر علي سومرو, چوري جي واقعي کان پوءِ نيوپنڊ پوليس اسٽيشن ۾ رپورٽ درج ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي, پر سندس مطابق, پوليس صرف گهر جي چوڌاري گهمي ۽ هڪ سادي ڪاغذ تي بيان لکي واپس موڪلي ڇڏيو صفدر سومرو نئون پنڊ پوليس خلاف احتجاج ڪيو ۽ ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو صفدر سومرو چيو تہ هن دوستن ۽ مائٽن کان قرض وٺي هي دڪان قائم ڪيو هو تہ جيئن حلال روزي ڪمائي سگهي. پر چور سندس محنت سان ڪمايل سامان چوري ڪري ويا, هن چيو تہ نئون پنڊ ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ چوري, ڦر ۽ موٽرسائيڪل ڇنڻ جا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا آهن, پر پوليس طرفان ڪا بہ اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي پئي وڃي, هن مطالبو ڪيو تہ اعليٰ اختيارين, چيف جسٽس آف پاڪستان, آءِ جي سنڌ, ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر واقعي جو فوري طور تي نوٽيس وٺن, چوري ٿيل سامان واپس ڪرائين ۽ پوليس جي گشت کي وڌايو وڃي تہ جيئن علائقي ۾ امن امان بحال ٿي سگهي. علائقي جي ماڻهن نئون پنڊ ۾ وڌندڙ ڏوهن جي واقعن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي تہ پوليس پنهنجون ذميواريون اثرائتي طريقي سان نڀائي.

بقايا 34

ٿيندڙ پوليو مهم جي تيارين جو جائزو وٺڻ بابت دربار هال مڪلي ۾ اجلاس منعقد ٿيو, جنهن ۾ ڊي ايڇ او سيد صفدر حسين شاهہ ۽ اميونائيزيشن آفيسر ڊبليو ايڇ او ڊاڪٽر لائق ڪان علاوہ يونيسيف, صحت,تعليم, لوڪل گورنمينٽ, مرف, پي پي ايڇ آءِ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سميت مختلف اسٽيڪ هولڊرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ايندڙ پوليو مهم کي تيز ڪندي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڊي ايڇ او ۽ سميت سمورن اسٽيڪ هولڊرن تي زور ڀريو تہ پوليو ٽيمن جي نگراني تي وڌ کان وڌ ڌيان ڏنو وڃي. هن چيو تہ يو سي ايم اوز ۽ ايريا انچارجز سميت گهربل عملي جي موجودگي ۽ اعليٰ معيار جي تربيت کي پڻ يقيني بڻايو وڃي. هن چيو تہ پوليو ٽيمن گهر گهر موجودگي خاص طور تي جانورن جي منڊين ۾ ٽرانزٽ ٽيمون مقرر ڪيون وڃن تہ جيئن ڪو بہ ٻار پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي نہ وڃي. هن سوشل ويلفيئر کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سيني اين جي اوز کي تحريري طور تي مهم ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي. هن چيو تہ پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان انڪار جي صورت ۾ مقامي معززين کان مدد ورتي وڃي تہ جيئن انڪار ڪندڙ ٻارڙن کي بہ پوليو جا ڦڙا پياري سگهجن هن چيو تہ صحيح ڊيٽا گڏ ڪيو وڃي. اسان سيني کي هن قومي مقصد ۾ گڏجي جدوجهد ڪرڻي پوندي تہ جيئن ملڪ مان پوليو جو خاتمو آڻي سگهجي. ان موقعي تي ڊي ايڇ او مهم کان اڳ بيمار انڪار ڪندڙ ٻارڙن تي ڌيان ڏيڻ لاءِ هڪ ٽيم جي قيام جو پڻ اعلان ڪيو ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر عامر حسين ايندڙ مهم جي تيارين ۽ درپيش مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا 35

فوج ۽ قوم سان گڏ ملڪ جي دفاع لاءِ بيٺل آهي. ۽ دشمن کي پاڪستان جي مقدس زمين تي قدم رکڻ نہ ڏينداسين.هن پنهنجي هڪ بيان ۾ ڀارتي حڪومت پاران معصوم شهرين ۽ مسجدن تي حملي جي شديد مذمت ڪئي ۽ ان کي ڪمزور عمل قرار ڏنو جيڪو ڀارت جي روايتي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو هن سڄي قوم کي ڀارتي جارحيت خلاف اٿڻ جي اپيل ڪندي چيو تہ هر شهري, فوجي ۽ هر پاڪستان جي دفاع جو فرض انجام ڏيندو ايڊووڪيٽ سيد شفقت علي شاهہ چيو تہ پاڪستاني قوم متحد آهي ۽ ڀارت جي ڪمزور عملن جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي. پاڪ فوج ڀارتي جارحيت جو جواب ڏنو آهي جنهن تي قوم فخر محسوس ڪري ٿي.هن ڀارتي حملي ۾ بيگناهہ شهرين جي شهادت تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ پاڪستان امن جوخواهشمند آهي پر پنهنجي دفاع تي سمجهوتو نہ ڪندو. قوم فوج سان گڏ هٿ ۾ هٿ ڏئي بيٺل آهي ۽ ان جو عزم بلند آهي.

بقايا 36

ڪمشنر مليرسليم الله اوڊو جي اڳواڻي جي ۾ ناتا خان پل ايئرپورٽ روڊ شاهراهہ فيصل مليرسٽي ايريا ڪرا پڙي روڊ منزل پمپ قائد آباد نيشنل هاءِ وي گلشن حديد سميت مختلف علائقن ۾ لاڳاپيل کاتي جي آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ اينٽي انڪروچمنٽ پوليس پاران ڪاروائيون عمل ۾ آنديون ويون مين شاهراهن روڊن فٽ پاٿ توڙي پلن هيٺان موجود ريڙهڻ غير قانوني ناهيل رڪشا اسٽينڊ سميت غير قانوني اڏاوتون ڪيل قبضا ختم ڪرايا ويا ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر مليرسليم الله اوڊو چيو تہ چيف سيڪريٽري سنڌ جي هدايتن تي ڪاروائيون جاري آهن مين روڊن شاهراهن تي ڪنهن بہ قسم جي انڪروچمنٽ کي برداشت نہ ڪيو ويندو ڪاروائي دوران موجود ريڙها ڇپرا وغيره سمورا ختم ڪري انتظاميا پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيا آهن قبضا مافيا کي ڪنهن بہ صورت جي شهرجي رونق خراب ڪرڻ نہ ڏني ويندي روڊن فٽ پاٿ توڙي پلڻ هيٺان انڪروچمنٽ سبب شهرين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن کي هميشہ ختم لاءِ ڪاروائيون عمل ۾ آنديون ويون آهن ٻيهرخلاف ورزي ڪندڙن خلاف سخت ايڪشن کنيو ويندو.

بقايا 37

معصوم پاڪستانين ۽ مسجد کي نشانو بڻائڻ جي شديدلفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي تہ ڀارت رات جي اونداهہ ۾ بزدلاڻو ۽ اجايو حملو ڪري پنهنجي موت کي دعوت ڏني آهي. پاڪستاني فوج فوري جوابي ڪارروائي ڪندي دشمن جا 5 طيارا تباهہ ڪري ڇڏيا ۽ ڊرون ڪيرائي عالمي دهشتگرد مودي کي واضح پيغام ڏنو آهي تہ ڀارت ڪنهن بہ غلط فهمي ۾ نہ رهي پاڪستاني فوج ڪنهن بہ ڀارتي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي, پاڪستاني فوج فوري طور تي جوابي ڪارروائي ڪندي جنهن جوانمردي سان دشمن کي سبق سيکاريو ان تي واپاري برادري ۽ پوري قوم پنهنجي بهادر فوج کي شاندار لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪري ٿي, وطن عزيز پاڪستان جي بقا, سلامتي, دفاع جي لاءِ پوري پاڪستاني قوم پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺي آهي ۽ ملڪ جي لاءِ ڪنهن بہ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ کان ڪانہ ڪيٻائينداسين, پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ حاجي محمد جاويد ميمڻ وڌيڪ چيو تہ پاڪستاني فوج پنهنجي وطن جي چپي چپي جي حفاظت, بقا, سلامتي جي لاءِ چاق ۽ چوبند آهي, پاڪستاني فوج دنيا جي نمبر ون فوج آهي, ان جي هوندي دنيا جي ڪا بہ طاقت وطن عزيز کي ڪو بہ نقصان نٿي پهچائي سگهي. هن جو چوڻ هو تہ عوام ۽ پاڪستاني فوج ايماني جذبي سان سرشار آهن. پاڪستاني عوام جي شهادتن جو بدلو پاڪ فوج موثر ۽ منهن ٽوڙ جوابي ڪارروائي سان وٺي رهي آهي, ۽ وٺندي رهندي, پاڪستان جيڪو رات دشمن کي سبق سيکاريو آهي ڀارت ان کي صدين تائين ياد رکندو, هن دعا پڻ ڪئي تہ ڀارت جي بزدلاڻي حملي ۾ شهيد ٿيندڙن پاڪستانين جا الله سائين درجات بلند فرمائي ۽ زخمين کي جلد مڪمل صحت ۽ تندرستي عطا فرمائي.

بقايا 38

پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي وئي وڏي تعداد ۾ شهرين اسڪولي شاگردن جي شرڪت ملڪ جي دفاع جي لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ جوعزم ورجايو ويو اڳواڻن چيو ڀارتي جارحيت جي جواب ۾ پاڪ جي فوج جي جوابي ڪارروائي بعد هندوستان پنهنجو هواس وڃائي ويٺو آهي گڏاب شهر ۾ پاڪ فوج سان اظهاري يڪجهتي لاءِ سماجي اڳواڻ ظفر حميد بلوچ زمان جوکيو نور حسن جو جوکيو سڪندر جوکيو رشيد بلوچ تاسير بروهي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي, ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ رات جي اونداهي ۾ بزدل ڀارت پاران حملو ڪري عام شهرين کي نشانو بڻايو جنهن جو ملڪ جي سرحدن جي محافظ پاڪ فوج پاران ڀرپور جواب ڏئي سندن حوصلا ڪتا ڪري ڇڏيا آهن پاڪستان جي عوام پنهنجي ملڪ جي حفاظت لاءِ پاڪ فوج سان گڏ آهي ملڪ جي بقا سلامتي وقارعزت جي تحفظ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ڀارتي جنگي جنون ڪيس عبرتناڪ شڪست ڏياريندو اسين امن پسند آهيون مگر ملڪ جي حفاظت لاءِ هر جنگ خاطر تيار آهيون.

بقايا 39

ضلعي صدر شفيع محمد بروهي, حافظ شڪيل احمد ڪاڪا, عبدالحڪيم راهو عبدالصمد بروهي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ريلين ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻن صاحبڏنو ورياهہ الهڏنو سومرو سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي, ريليون شهر جي مختلف رستن کان ٿينديون پريس ڪلبن تي پهتيون جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستاني فوج جو شمار دنيا جي بهادر فوجن ۾ ٿئي ٿو جيڪا دنيا جي جديد ٽيڪنالاجي سان ڀرپور آهي ۽ پنهنجي دشمن کي نست و نابود ڪرڻ ۾ وڏي مهارت رکي ٿي. هنن چيو تہ هندستان جنگ جي شروعات ڪئي آهي پر هاڻ جنگ ڪشمير کي آزاد ڪرائڻ ۽ هندستان کي تباهہ ڪرڻ تائين جاري رهندي. هنن چيو تہ پاڪستان جو هر ماڻهو فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. مودي جا ناپاڪ ارادا خاڪ ۾ ملي ويندا ۽ ڪيس شڪست کانسواءِ ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندو.

بقايا 40

آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ پوليو خلاف گذريل قومي مهم دوران حاصل ڪيل ٽارگيٽ ۽ پيش ايندڙ مسئلن جو پڻ جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ صحت کاتي جي عملدارن تي زور ڀريو تہ هو ضلع ۾ 26 مئي کان شروع ٿيندڙ پوليو خلاف قومي مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پوليو ٽيمن جي تربيت ۽ نگراني واري ڪم تي خاص ڌيان ڏين جڏهن تہ پوليو ويڪسين جي ڪولڊ چين کي پڻ برقرار رکيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر ڪين اها پڻ هدايت ڪئي تہ پوليو خلاف قومي مهم جا بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر مائيڪرو پلان جوڙيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر لوڪل گورنمينٽ کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ پوليو خلاف قومي مهم دوران يوسي سيڪريٽرين کي فيلڊ ۾ رهڻ جو پابند بڻايو وڃي تہ جيئن ٽيمون آساني سان ٽارگيٽ حاصل ڪري سگهن ڊپٽي ڪمشنر پوليس کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ مهم دوران پوليو ٽرانزٽ پوائنٽن تي پوليس اهلڪارن جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري ۽ پوليو بابت مقرر فوڪل پرسن ڊاڪٽر الله بخش راجپر ٻڌايو تہ پوري ملڪ جيان ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ پڻ پوليو خلاف قومي مهم 26 مئي کان ٻهرين جون تائين منعقد ٿي رهي آهي مهم دوران ضلع جي 4لک 20 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويندا انهي مقصد لاءِ 1314 ٽيمون جوڙيون ويون آهن جن ۾ 1212 موبائل, 23 ٽرانزٽ ۽ 79 فڪس ٽيمون شامل آهن هنن وڌيڪ ٻڌايو تہ پوليو مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پوليو ٽيمن جي تربيت, مائڪرو پلان جي تياري سميت ٻين انتظامن کي يقيني بڻايو پيو وڃي اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر حسان ظفر سميت صحت, پوليس,تعليم, پاپوليشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 41

پرسان خاصخيلي برادري جي معزز شخصيت حاجي عبدالله خاصخيلي جو چاليهي جي موقعي تي سندن وارثن خالد خاصخيلي طرفان عيد ميلاد نبي صلعم جو جلسو ٿي گذريو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ معززين ,علائقي واسين شرڪت ڪئي لنگر تقسيم ڪيو ويوان سلسلي ۾ ڳوٺ عبدالله خاصخيلي جي معزز شخصيت حاجي عبدالله خاصخيلي جو چاليهي جي موقعي تي عيد ميلاد جو جلسو ٿيو جنهن ۾ خصوصي خطاب ۽ دعا درگاهہ فيض هاشمي جي سجاده نشين خادم فقرا صوفي فقير علي نواز هاشمي فرمايو , ڳبول برادري جي معزز شخصيت محمد عرس ڳبول, منظور علي بروهي, مير بخيو,اسلام آباد کان قاضي فرحان سميت وڏي انگ ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي نامور نعت خوان فقير علي دوست ڏاهري, ۽ ٻين آقا لجپال جي شان اقدس ۾ نذرانہ عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ نعتون پڙهيون آخر ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 42

ليگ پاران ڀارتي جارحيت ۽ ڀارت جي بزدلاڻہ حملي خلاف ڪورٽ چوڪ کان ريلي ڪڍي انڊيا مرد باد پاڪ فوج زند باد جا نعرا هڻي پاڪ فوج سان يڪجهتي ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي اڳواڻن حافظ رضاءالله ۽ ٻين چيو تہ انڊيا جي جارحيت خلاف پاڪستان جي عوام پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي گڏ بيٺل آهي پاڪ فوج مٿان اسان کي فخر آهي انڊيا جي جارحيت ۽ رات جي انڌيري ۾ بزدلاڻہ حملي خلاف پاڪستان جي عوام پاڪ فوج سان هر محاذ تي گڏ آهي انشاء الله قوم جي دعائن سان انڊيا کي سخت سبق سيکارينداسين

بقايا 43

۽ سول سوسائٽي شرڪت ڪئي ۽ پاڪستان فوج جي حق ۾ نعرا هنيا ويا. ايس ايس پي خيرپور چيو تہ سڄو عوام ۽ سنڌ پوليس پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي اڄ جي ريلي جو مقصد پاڪستان فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آهي پاڪ فوج جا جوان هميشہ پاڪستان لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪندا رهيا آهن.پاڪستان جي دشمن وٽ مودي سرڪار کي مناسب جواب ڏيڻ جي صلاحيت آهي .اسان پاڪستاني فوج خلاف ڪنهن بہ سازش کي ناڪام بڻائينداسين. ڀارت هڪ بزدلاڻو حملو ڪيو آهي. جنهن جو ڀرپور جواب ڏنو ويو آهي ايس ايس پي خيرپور جوچوڻ آهي تہ ان کي اجارداري ڏيڻ جي ڪوشش ظلم. ناانصافي ۽ جارحيت جي برابر آهي. پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي. پر پنهنجي بقا, خودمختياري ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ هر سطح تي آواز بلند ڪندو.

PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT.) LTD.
(WHOLLY OWNED SUBSIDIARY OF STATE BANK OF PAKISTAN)

عزم استحکام

INVITATION FOR BIDS
(SINGLE STAGE - TWO ENVELOPE PROCEDURE)

SEALED BID ON PRESCRIBED BIDDING DOCUMENTS ARE INVITED FROM REPUTABLE SERVICE PROVIDERS, MUST BE REGISTERED WITH TAX AUTHORITIES AND ARE **ACTIVE TAX PAYERS** FOR FOLLOWING JOB ON **F.O.R.** BASIS:

Tender No.	Bid Submission Deadline	Bid Opening Schedule	Earnest Money	Description of Job / Items	Make & Qty.
LP/T-2205/25	26-May-2025 11:00 A.M	26-May-2025 11:30 A.M	Rs. 170,000/-	ANNUAL GARDENING & JANITORIAL CONTRACT	AS PER BOQ

SPECIFICATION / BOQ / EVALUATION CRITERIA / DETAIL ATTACHED WITH RELEVANT DOCUMENT.

- BIDS WILL BE OPENED ON THE ABOVE BIDS OPENING DATE & TIME IN PRESENCE OF PARTICIPATED BIDDERS WHO WISH TO ATTEND.
- DETAILED TENDER ADVERTISEMENT IS AVAILABLE ON THE PPRA WEBSITE **"www.ppra.org.pk"** WHEREAS COMPLETE TENDER DOCUMENT IS AVAILABLE AT PSPC WEBSITE **"www.pspc.gov.pk"**.
- TENDER DOCUMENTS CONTAINING GENERAL CONDITIONS OF CONTRACT INCLUDING TECHNICAL DETAILS / SPECIFICATIONS, ETC., ARE AVAILABLE ON THE PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT.) LTD. WEBSITE.
- BIDDER(S) ARE REQUIRED TO DOWNLOAD COMPLETE BID/TENDER DOCUMENT AND DROPPED IN THE TENDER BOX PLACED AT PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT.) LTD. (PSPC) FACTORY, JINNAH AVENUE, MALIR HALT, KARACHI ON OR BEFORE ABOVE-MENTIONED DATE & TIME BIDDER(S).

MUHAMMAD ASAD KHAN
DEPUTY GENERAL MANAGER (PURCHASE)
Pakistan Security Printing Corporation (Pvt.) Ltd.

PID K.3403/24

سامارو ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۽ پارتي جارحيت خلاف شهرين جي ريلي

بلال قائمخاني جي اڳواڻي ۾ شاگردن ۽ استادن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي

ريلي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۽ پارت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

پاڪ فوج جي حمايت ۽ پارت خلاف سخت نعريبازي ڪيي آخر پاڪستان جي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي

سامارو (رپورٽ: خوشحال پواني) سامارو ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۽ پارتي جارحيت خلاف شهرين شاگردن ۽ استادن جي ريلي ڪڍي وئي پاڪ فوج جي حمايت ۽ پارتي جارحيت خلاف شهري بلال /ڏسو صفحو 3 بقايا 04



سامارو: پاڪ فوج جي حمايت ۽ پارتي جارحيت خلاف شهري ريلي ڪڍي رهيا آهن

نصيرآباد: ٻارنهين ڪلاس جي شاگرديائين پيپر ڏئي واپس گهر ايندي حادثي دوران فوت

نصيرآباد (رپورٽر) ٻارنهين ڪلاس جي شاگرديائين سان امتحاني پيپر ڏئي واپس /ڏسو صفحو 3 بقايا 05

شهدادپور ويجهو پوليس جي مبينا فائرنگ ۾ نوجوان قتل، وارثن جو لاش رکي سمس اسپتال آڏو ڌرڻو

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ويجهو ڳوٺ غلام /ڏسو صفحو 3 بقايا 06



پيروسڻ: ڳوٺ ڏنو شرجا رهواسي زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪندي

پيروسڻ ۾ زمين تي بااثرن پاران قبضي خلاف رهواسين جو احتجاج

غلام سرور شر، رجب شر، بخت شر، مختيار شر اسانجي زمين تي قبضو پيا ڪن: نعمت الله ۽ ٻيا

سليم شر پڻ اسان کي موت مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيو آهي، جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري

پيروسڻ (رپورٽر) پيروسڻ ٿاڻي جي ڳوٺ ڏنو شرجي رهواسين پاران زرعي زمين تي بااثرن پاران قبضي خلاف نعمت الله شر عبدالله /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

پ پ پ سٽي سکر پاران ڀارتي جارحيت خلاف احتجاج

ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو

احتجاج ۾ حاجي احسان لاشاري، لياقت خالدي، محمد دين، عزيزالله مغل ۽ ٻين جي شرڪت

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي سکر پاران پاڪستاني سرزمين تي ڀارتي حملي ۽ بيگناهه شهرين /ڏسو صفحو 3 بقايا 03



سکر: ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل جي اڳواڻي ۾ ڀارتي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

وڳڻ ۾ گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ خلاف شاگرياڻين جو احتجاج

اسڪول جي عمارت زبون ٿي وئي، 250 کان وڌيڪ پڙهندڙ نياڻيون خوف ۾ مبتلا رهڻ لڳا، دانهون

عمارت جي انتهائي خستہ حالت آهي، ڇتين مان وڏا ڏار پئجي ويا آهن، ڇاپڙ ڪرن ٿا: هيڊماستريائي

اسڪول ۾ ٻارڙا سخت گرمي ۾ ٻاهر پڙهي رهيا آهن، نئين سر بلڊنگ جوڙائي بيچيني ختم ڪئي وڃي: مطالبو

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ۾ گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ خلاف شاگرياڻين جو احتجاج بلڊنگ زبون ٿيڻ جي ڪري 250 کان وڌيڪ پڙهندڙ نياڻيون خوف ۾ ورتل ٿيون بلڊنگ /ڏسو صفحو 3 بقايا 01



وڳڻ: گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ خلاف شاگرياڻين جو احتجاج ڪندي

هندستان ۽ پاڪستان جي صورتحال تي ويجهي نظر رکي رهيا آهيون: آمريڪي پرڏيهي وزير

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مسئلي جي پرامن حل لاءِ هندستان ۽ پاڪستاني قيادت سان رابطو جاري رکندا سين

ڇڪتاڻ واري صورتحال جو جائزو وٺون پيا، هندستان ۽ پاڪستاني قيادت ٻنهي کي پرامن حل لاءِ شامل ڪندا رهندا

آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو پاڪستان جي قومي سلامتي صلاحڪار سان رابطو ڪيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو آهي ته هو هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ صورتحال تي ويجهي نظر رکي رهيو آهي، /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' پاران رات جي پيٽ ۾ پاڪستان تي ٿيل بزدلاڻي حملن جي مذمت

بزدل دشمن شهرين کي نشانو بڻايو آهي، مسجدن تي حملا مردن جي انتها پسندي ذهنيت جو نتيجو آهي

پنهنجي وطن جو دفاع ڪندا سين، قومي سلامتي تي ڪابہ سوديبازي نہ ڪندا سين: چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو (رپورٽر) جنگي جنون ۾ مبتلا ڀارت پاڪستان مٿان رات جي پيٽ ۾ بزدلاڻي حملي جي ڀرپور مذمت ڪيون ٿا، سروري /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

ملڪ جا سڀ هوائي اڏا ۽ فضائي حدون مڪمل طور تي فعال

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) پاڪستان ائيرپورٽس /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

پاڪ فوج قوم جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو: ڪاشف سعيد شيخ

حڪومت اي پي سي گهرائي، سڄي قوم کي فوجي تربيت ۽ جذبي لاءِ تيار ڪيو وڃي

ڀارت کي وڌيڪ سبق سيکارڻ ۽ پاڪستان جي شهہ رڳ ڪشمير جي آزادي لازمي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ ڀارتي جارحيت جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته ڀ /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ڀارتي حملو: لاهور، اسلام آباد سميت ٻين جڳهن کان ايندڙ اڏامن جي ڪراچي ۾ لينڊنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڀارت طرفان آزاد ڪشمير ۽ پاڪستان ۾ ٿيل بزدلاڻي حملي /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

سوڀوديرو ۾ لاڪڙي ۽ ارڙي جي بيمارين ۾ اضافو، ڊاڪٽرن جون ٽيمون جوڙيون، فوٽگين جا اطلاع

علائقي ۾ لاڪڙو، ارڙي ننڍي ماتا جا ڇوڪرو گردش ڪرڻ لڳا، علاج نہ هئڻ ڪري فوتگين جا اطلاع وڌڻ لڳا

اهڙي گرمي ۾ موضي مرض ۾ ورتل سوين مريض اسپتالن ۾ دوائون نہ ملڻ ڪري پريشان آهن: سماجي اڳواڻ

لاڪڙو ارڙي ننڍي ماتا جي وڌندڙ مرض جو علائقي ۾ خوف ڇانيل آهي نوٽيس وٺي لاپرواهي ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪريو

راڻيپور (رپورٽ: ميان اعجاز) ضلعي خيرپور جي تعلقي سوڀوديرو ۾ لاڪڙي ۽ ارڙي جي بيمارين ۾ اضافو، ڊاڪٽرن جون ٽيمون مقرر ڪري شهر ۽ ڀرپاسي لاءِ ڊاڪٽرن /ڏسو صفحو 3 بقايا 10



راڻيپور: لاڪڙي ۽ ارڙي جي بيمارين فوت ٿيل نينگر ۽ معصوم ٻارڙي

ميهڙ پرسان نوجوان جو ڪپڙن کان آجو تشدد ٿيل لاش هٿ

ميهڙ گاجي کهاوڙ روڊ تي ڏامراهه واهه موري پرسان لاش جي سڃاڻپ صابر علي ولد شهزادو ٻنهور طور ٿي

پٽ ماڻڻ ڏي ميندي جي رسم تي ويل هو اڄ تشدد ٿيل لاش مليو آهي: فوتي نوجوان جو والد

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ميهڙ گاجي کهاوڙ روڊ تي ڏامراهه واهه موري پرسان نوجوان جو ڪپڙن کان /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ارسا ۽ پنجاب ڏاڙيل واهه کولي ڇڏيا آهن، سنڌ پاڻي لاءِ ترسي پئي: اياز پليجو

تونسا، چشما ۽ گريٽر ٿل ڪينال مسلسل وهائڻ، زميندارن ۽ وسيلا قبضائڻ، 6 نون ڪينالن ذريعي سنڌ برباد ڪرڻ بند ڪيو

ارسا ۽ پنجاب حڪومت سنڌ سان دوکو ڪري ڪوٽ دوران بہ ڏاڙيل واهه کولي سنڌ جو پاڻي چوري ڪري رهيا آهن

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي تہ تونسا، چشما ۽ گريٽر ٿل ڪينال مسلسل وهائڻ، /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

شهدادپور ويجهو نوجوان مبينا گولي لڳڻ سبب قتل

ڳوٺ محمد هاشم خاصخيلي ۾ نوجوان محمد پريل مبينا گولي لڳڻ سبب قتل ٿي ويو

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ويجهو ڄتيا ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد هاشم خاصخيلي ۾ نوجوان گولي هٽي قتل، واقعي /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

ڀارتي حملي بعد ڊي سي سکر/ ڪنٽرولر سول ڊفينس جي صدارت ۾ سول ڊفينس جو اهم اجلاس

ايمرجنسي صورتحال ۾ ساٿين جو استعمال، مسجدن جي لائوڊاسپيڪر، عملدارن ۽ ميڊيا ذريعي عوام تائين آگاهي ڦهلائي وڃي

هنگامي صورتحال ۾ ڪميونيڪيشن کي مستحڪم رکڻ لاءِ ڊي سي آفيس ۾ سول ڊفينس ڪنٽرول سينٽر قائم ڪيو ويو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر/ ڪنٽرولر سول ڊفينس ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو جي صدارت ۾ سول ڊفينس جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

پٽ شاهه: صحافي نويد پنهور مٿان ٿيل قاتلاڻي حملي خلاف قلم ڌڻين جو احتجاج

عبدالغفور عرف ابا پائر ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڪرڙي پوليس انتظاميہ خلاف الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

سڄي سنڌ ۾ صحافين سان زيادتيون جاري آهن ۽ مرجوا حڪومت صحافين کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام آهي

پٽ شاهه (رپورٽر) پي ايف يو جي ورڪز متياري /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ سکر پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي ۽ ڀارتي جارحيت خلاف ريلي

ڀارت رات جي اونداهي ۾ بزدلاڻو حملو ڪري ڏٺو پر پاڪستان جي بهادر فوج هر وقت دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي: اڳواڻ

ڀارت جنگ جي شروعات ڪئي آهي تہ ان جو انجام هاڻ اسان ڪندا سين ۽ ڀارت کي ان جي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو

مودي تيار رهي پاڪستاني فوج تو کي نست ونابود ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پاڪ فوج قدم وڌايو اسان اوهان سان گڏ آهيون: ريلي کي خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ سکر پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي ۽ ڀارتي جارحيت خلاف ريلي ڪڍي وئي ريلي ايوب گيٽ کان شروع ٿي شهر جي مختلف رستن تان گذرندي سکر /ڏسو صفحو 3 بقايا 18



سکر: پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي رهي آهي

سڪرنڊ ۾ ڦرواقعي دوران ڦر ٿيل رقم واپس نہ ٿيڻ تي واپارين پاران ڳڻتي جو اظهار

واپاري محمد رفيق رند کان نامعلوم ڦورن پاران 3 لک ڪيش، ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦورڪري ويا

واپاري کي زخمي ڪرڻ وارا جوابدار اڃا تائين گرفتار نہ ٿي سگهيا آهن، هي انصاف آهي: روشن علي راهو

علائقي ۾ ڦريون پيرو آيو آهيان ڏينهن بہ صرف چار ٿيا آهن ان ڪري ماحول کي سمجهڻ ۾ وقت لڳندو: ايس ايڇ او

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ شهر ۽ آس پاس جي ڀيڙيءَ جي واپارين صدر روشن علي راهو، علي رضا لاڪو ۽ پيار علي جلالاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن بعد هئن /ڏسو صفحو 3 بقايا 17



سڪرنڊ: ڦر ٿيل رقم واپس نہ ٿيڻ تي واپاري احتجاج ڪندي

ٻيهر ڌرڻي مجبور نہ ڪري، ڏکين حالتن ۾ عوام کي فوج سان گڏ ئي بيهڻو آهي: عامر

ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ هر مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙن ماڻهن ڀرپور شرڪت ڪئي، جن تي ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن

اسان انهن گڏ بيٺل آهيون، ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ڌرڻي ۾ شريڪ ڪجهہ صحافين خلاف بہ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

ڌرڻي ۾ شريڪ ماڻهن کي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جنهن جي مذمت ڪريون ٿا: ڪراچي بار جو صدر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار جي صدر عامر نواز وڙائچ، جنرل سيڪريٽري رحمان ڪورائي ۽ اشرف سمون سميت ٻين وڪيلن سٽي ڪورٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ ٻيرلوءِ ڌرڻي ۾ هر /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

ملير ۾ اسٽيل ملز پورهيتن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ جناح گيٽ آڏو بک هڙتالي ڪئمپ قائم

پاڪستان سي اي او توهين عدالت ڪندي پورهيتن جون پگهارون نئون ڏئي پنهنجي من ماني پيو ڪري: ملازم اڳواڻ

چار هفتا گذري ويا پر سي اي او اسد ماهني وڏي وزير سنڌ مراد علي شاهه جي حڪم کي بہ ٺڏي ڇڏيو آهي

سنڌ سرڪار ۽ وفاقي سرڪار پورهيتن جا مسئلا فوري طور حل ڪرائي بحال ڪري ۽ پگهارون جاري ڪيون وڃن

ملير (ڊر) پاڪستان اسٽيل ملز پورهيتن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ جناح گيٽ سامهون احتجاجي بک هڙتالي ڪئمپ قائم، احتجاجي ڪئمپ پورهيت بلاول لاڪو، نيڪ محمد، فياض حسين حاجي، فهيم /ڏسو صفحو 3 بقايا 21



ملير: پاڪستان اسٽيل ملز جا پورهيت مطالبن جي مڃتا لاءِ بک هڙتال ڪندي

مودي اليڪشن کٽڻ لاءِ جنگي جنون اختيار ڪيو: ڪيواي ٽي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

ڀرياروڊ پاڪ فوج جي حمايت ۾ شهرين جي ريلي، ڀارت خلاف نعريبازي

ڀرياروڊ (رپورٽر) پاڪستان جي دفاع ۽ پاڪ فوج /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

پڪو: زمين جي مالڪي چاوڙا ۽ ميتلا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ، فائرنگ، متاثرن جو ڌرڻو

رتوڪوٽ جي زرعي زمين تي مالڪيءَ تان چاوڙا برادري انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪيو

30 جريب زمين آهي، جنهن تي ميتلا برادري سان لاڳاپيل ڪجهہ بااثر پتاخور قبضو ڪرڻ جي سازش پيا ڪن

ايس ايڇ او ٿاڻو تعلقو ۽ ايس ايڇ او پڪو پاران مظاهرين کي انصاف جي خاطري تي روڊ کوليو ويو، ڌرڻو ختم

پڪو (رپورٽر) پڪو ويجهو رتوڪوٽ ۾ زرعي زمين جي مالڪي چاوڙا ۽ ميتلا برادري جي ٻن ڌرين وچ ڇڪتاڻ وڌي وئي، ٻنهي ڌرين وچ ۾ فائرنگ چاوڙا برادري /ڏسو صفحو 3 بقايا 20



پڪو: زمين جي مالڪي تان متاثر ڌر احتجاج ڪري رهي آهي

راڻيپور ۾ بسپ ڊيوائيز ايجنٽ گهرن اوطاقن تي عورتن کي گهرائي تذليل ڪرڻ جو سلسلو جاري

راڻيپور (رپورٽر) بسپ جا ايجنٽ، ڊيوائيز مافيا، /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڪنڊيارو ۾ ڳوٺاڻي جو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ ڳوٺاڻي جو ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 25



سڳيون: پل جي ڪم ۾ ناقص ميٽريل استعمال ٿيڻ خلاف شهري احتجاج ڪندي

سڳيون مين ڪراس پل ۾ ٺيڪيدار پاران ناقص ميٽريل جو استعمال خلاف شهرين جو احتجاج

شهر ۾ ڪڻڪ، جوئر، گوار، تر، ڦٽي سميت ٻين مختلف زرعي جنس جو ڪاروبار عروج تي هوندو آهي: شهري

ٻاهرين شهرن سان واپار جي سلسلي ۾ ٽرالر، ٽرڪ، ٽريڪٽر ٽرالي سميت ٻيون وزني گاڏيون مان ڪٿ لاءِ اينديون آهن

سڳيون (رپورٽر) سڳيون شهر جي محمود چنا ٿاڻي کان سڳيون ۾ داخل ٿيندڙ روڊ جي منظور ٿيل مين ڪراس پل ۾ ٺيڪيدار /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

هالا ويجهو رهواسين جي تفريح لاءِ 8 ڏينهن واري مينا بازار جو افتتاح

مينا بازار ميلي جو افتتاح ميونسپل چيئرمين هالا گل محمد پنهور ۽ ٻين ڪيو

اسان جو مقصد صرف هالا جي عوام کي تفريحي ماحول پيدا ڪري ڏيڻ آهي: اڳواڻ

پٽ شاهه (رپورٽر) پٽ شاهه هالا جي عورتن ۽ ٻارن کي شهر جي پوسٽ واري ماحول مان نڪرڻ ۽ ڪين تفريحي ماحول مهيا ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

نصيرآباد ۾ بجلي جي غير قانوني لوڊشيڊنگ خلاف سجاڳ شهري اتحاد پاران مشعل بردار ريلي

ايس ڊي او نصيرآباد ۽ ايل ايس هٽ وٺي بجلي بند ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ڪيو آهي: آصف علي ڪانيو ۽ ٻيا

هڪ طرف بجلي ناهي ٻي طرف شهرين ڏانهن ڊيٽيڪشن بل موڪليا وڃن ٿا، شهري خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن

عملدارن پنهنجو قبلو درست ڪن، ناجائزي بند نہ ڪئي وئي تہ سنڌن خلاف انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين

نصيرآباد (رپورٽر) نصيرآباد ۾ بجلي جي غير قانوني لوڊشيڊنگ خلاف سجاڳ شهري اتحاد نصيرآباد طرفان ٻئين ڏينهن بہ مشعل بردار ريلي ڪڍي وئي، سيپڪو انتظام خلاف نعريبازي، تفصيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

دي سي سکر پاران قادر بخش بيدل بيڪس جي سالياني عرس حوالي سان گڏجاڻي

بيدل بيڪس جو ساليانو عرس مبارڪ 12 کان 14 مئي 2025 تي روهڙي ۾ ملهايو ويندو: ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو

عرس جي موقعي تي سڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن جڏهن تہ ٽريفڪ بابت ڪانٽيجنسي پلان جوڙيو وڃي

عرس جي موقعي تي ڪنٽرول روم ناهيو وڃي تہ جيئن ڪنهن بہ قسم جي شڪايت جو فوري تدارڪ ٿي سگهي

سکر (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو جي صدارت هيٺ قادر بخش بيدل بيڪس جي سالياني عرس جي انتظامن جي

سنڌ جي وسيلن تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران احتجاج

سنڌ جا ماڻهو ڪنهن بہ قبضي ناانصافي يا غيرقانوني عمل کي قبول نہ ڪندا: اڳواڻ

هي جدوجهد صرف زمين يا پاڻي لاءِ نہ پر سنڌ جي حقن وسيلن ۽ سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ آهي

روهڙي (رپورٽر) سنڌ جي وسيلن تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي تاريخي جدوجهد جاري ڪوثر /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

شهدادپور ويجهو رات دير سان گڏهہ گاڏي سان هڪ ٻي پٺيان ٻن موٽرسائيڪلن جو ٽڪر، 5 ڄڻا زخمي

شهدادپور(رپورٽر) شهدادپور ويجهو ملدسي روڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا 29



سڪرنڊ: رهواسي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪندي

سڪرنڊ: زمين جي مالڪي ۽ پئسا نہ ملڻ خلاف متاثرن جو احتجاج

والد خدا بخش چوهاڻ 45 ايڪڙ زمين پائرن حاجي محمد هاشم ۽ حاجي سومر کي ڏني، رجب علي چوهاڻ

والد جون بہ شاديون ٿيل هيون، هاڻ مليل زمين جو معاوضو بہ اسان کان گهريو پيو وڃي، انصاف ڪريو

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ جي ڳوٺ خان محمد چوهاڻ جي رهواسي رجب علي چوهاڻ ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو تہ منهنجي والد خدا بخش چوهاڻ جون بہ شاديون ٿيل هيون هڪ شادي مان بہ پٽ هر /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هندستان جي بزدلاڻي حملن خلاف ريلي، اپ ڌاريندڙ نعرا

سنڌ يونيورسٽيءَ جي وي سي پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کيهڙي جي اڳواڻي ۾ ڀارتي جارحيت خلاف ريلي ڪڍي وئي

ريليءَ ۾ "مرڻو سرڪار مرده آباد"، "پاڪستان زنده آباد" ۽ "پاڪستاني فوج زنده آباد" جهڙا پرجوش نعرا لڳايا ويا

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ گذريل ڏينهن هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي، جنهن دوران هندستان جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

سکر ۾ چور رات جي وڳڙي ۾ درزي جي دڪان جا تالا ٽوڙي قيمتي سامان چوري ڪري فرار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي پوسا لائين شر محلا واري علائقي ۾ چوري جو هڪ ٻيو واقعو /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

پاڪستان دشمن جي جارحيت خلاف متحد آهي، شفقت علي شاهہ

هر پاڪستاني فوج ۽ قوم سان گڏ ملڪ جي دفاع لاءِ بيٺل آهي: سياسي سماجي اڳواڻ

پاڪ فوج ڀارتي جارحيت جو جواب ڏنو آهي جنهن تي قوم فخر محسوس ڪري ٿي

سکر (بيورو رپورٽ) ٿالي واري سينٽر سياستدان ۽ سماجي اڳواڻ ايڊوڪيٽ سيد شفقت علي شاهه چيو آهي تہ هر پاڪستاني /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

ڊي سي ٺٽو جي صدارت هيٺ پوليو مهم جي تيارين جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس منعقد

ٺٽو (ڊر) ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو جي صدارت هيٺ مئي 2025 ۾ شروع /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

ملير ۾ انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائيون جاري، پيچ ڊاهہ

ڊپٽي ڪمشنر سليم الله اوڊو جي اڳواڻي جي ۾ ڪارروايون ڪيون ويون

غير قانوني ناهيل رڪشا اسٽينڊ سميت غير قانوني اڏاوتون ڪيل قبضا ختم ڪرايا ويا

ملير (ڊر) چيف سيڪريٽري سنڌ جي هدايتن تي ڪراچي جي ضلعي ملير ۾ انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائيون جاري ڊپٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36



نصيرآباد: رهواسي مشعل بردار ريلي ڪڍي نعريبازي ڪري رهيا آهن

ڀارت رات جي اونداهہ ۾ بزدلاڻو حملو ڪري پنهنجي موت کي دعوت ڏني: حاجي محمد جاويد ميمڻ

پاڪستاني فوج ڪنهن بہ ڀارتي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي: واپاري اڳواڻ

پاڪستاني فوج جوابي ڪارروائي ڪندي جنهن جوانمردي سان دشمن کي سبق سيکاريو ان تي فخر آهي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ ڀارت پاران رات جي اونداهي ۾ بزدلاڻو حملو ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ڪراچي ملير ۾ سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

رات جي اونداهي ۾ بزدل ڀارت پاران حملو ڪري عام شهرين کي نشانو بڻايو ويو: اڳواڻ

ملير (ڊر) ڪراچي ملير ۾ سول سوسائٽي پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

دي سي شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ پوليو مهم جي انتظامن حوالي سان اجلاس

اجلاس ۾ پوليو خلاف گذريل قومي مهم دوران حاصل ڪيل ٽارگيٽ ۽ پيش ايندڙ مسئلن جو پڻ جائزو ورتو ويو

پوليو خلاف قومي مهم جا بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر مائيڪرو پلان جوڙيو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر

4 لک 20 هزار کان وڌيڪ ٻارن ڦڙا پيارايا ويندا، ان لاءِ 1314 ٽيمون جوڙيون ويون آهن: فوڪل پرسن جي بريفنگ

نواب شاهه (رپورٽ: دانش) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ ضلع ۾ 26 مئي کان شروع ٿيندڙ پوليو خلاف قومي مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اجلاس اڄ ڪمشنر /ڏسو صفحو 3 بقايا 40



نوابشاهہ: ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

نواب ولي محمد پرسان حاجي عبدالله خاصخيلي جو چاليهي ۽ عيد ميلاد نبي صلعم جو جلسو ٿي گذريو

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

شهدادپور ۾ عوامي مسلم ليگ پاران ڀارتي جارحيت خلاف احتجاج، پاڪ فوج زنده باد جا نعرا

شهدادپور(رپورٽر) شهدادپور ۾ عوامي مسلم /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

هالا ۾ پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريليون

شفيع محمد بروهي، حافظ شڪيل احمد ڪاڪا، عبدالحڪيم راهو عبدالصمد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريليون ڪڍيون ويون

پاڪستاني فوج جو شمار دنيا جي بهادر فوجن ۾ ٿئي ٿو جيڪا دنيا جي جديد ٽيڪنالاجي سان ڀرپور آهي: اڳواڻ

هندستان جنگ جي شروعات ڪئي پر هاڻ جنگ ڪشمير کي آزاد ڪرائڻ ۽ هندستان کي تباهہ ڪرڻ تائين جاري رهندي

پٽ شاهه (رپورٽر) هالا ۾ پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريليون ڪڍيون ويون، ريلي جي اڳواڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 39



پٽ شاهہ: پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ پاران پاڪ فوج جي حمايت ريلي ڪڍي پئي وڃي

ايس ايس پي خيرپور جي اڳواڻي ۾ پاڪستان هٿياربند فوج جي حمايت ۾ پاڪستان زنده آباد ريلي

اسان پاڪستاني فوج خلاف ڪنهن بہ سازش کي ناڪام بڻائينداسين: ايس ايس پي حسن سردار نيازي

ڀارتي حملي جو ڀرپور جواب ڏنو ويو آهي، پاڪ فوج جا جوان پاڪستان لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪندا رهيا آهن

پاڪستان پرامن ملڪ آهي، پر پنهنجي بقا، خودمختياري ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ هر سطح تي آواز بلند ڪندو

خيرپور(ڊر) ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي جي اڳواڻي ۾، پاڪستان جي هٿياربند فوج جي حمايت ۾ پاڪستان زنده آباد ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ضلعي جي پوليس آفيسرن، نوجوانن /ڏسو صفحو 3 بقايا 43